
القرآن الكريم

بامحاوره ترجمو
حضرت مولانا تاج محمود امروټي رحمه الله

لفظي ترجمو
حضرت مولانا عبدالكريم قريشي رحمه الله
پير شريف



Maktaba Tul Ishaat



تمام فنون کے کتب ہمارے ویب سائٹ اور پلے سٹور سے فری ڈاون لوڈ کریں۔ ہم روزانہ کی بنیاد پر اس میں مزید نئے کتب شامل کر رہے ہیں نئے شامل شدہ کتب لیے روزانہ ہمارے پلے سٹور اور ویب سائٹ کو باقاعدگی سے چیک کیا کریں۔

اپنی کتاب کو ہمارے ویب سائٹ پر شائع کرنے کے لیے رابطہ کریں

تفاسیر	خطبات	منطق
احایث	سیرت	معانی
فقہ	تاریخ	تصوف
سوانح حیات	صرف	تقابل ادیان
درس نظامی	نحو	تجوید
لغت	فلسفہ	نعت
فتاوی	حکمت	تراجم
اصلاحی	بلاغت	تبلیغ ودعوت
آڈیو دروس	مناظرے	تمام فنون

maktaba.tul.ishaatofficial@gmail.com

وَمَنْ يَّقْنُتْ مِنْكُنَّ لِلّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَتَعْمَلْ صَالِحًا نُّؤْتِهَآ

۽ جيڪا فرمانبرداري ڪندي توهان مان الله ۽ ان جي رسول جي ۽ عمل ڪندي چڱا ته ڏينداسون انهيءَ کي

۽ اوهان مان جيڪا الله ۽ سندس پيغمبر جي تابعداري ڪندي ۽ چڱا ڪر ڪندي، تنهن کي

اَجْرَهَا مَرَّتَيْنِ ۙ وَاَعْتَدْنَا لَهَا رِزْقًا كَرِيْمًا ﴿٣١﴾ يٰنِسَآءَ النَّبِيِّ لَسْتُنَّ

ثواب ان جو ٻه دفعا ۽ اسان تيار ڪئي آهي ان لاءِ روزي عزت واري. اي نبي جون گهرواريون ناهيو اوهين

سندس اجر ٻه ڀيرا ڏينداسين ۽ ان لاءِ عزت واري روزي تيار ڪنداسين. اي پيغمبر جون زالون! اوهين ڪن ٻين

كَاَحَدٍ مِّنَ النِّسَآءِ اِنِ اتَّقَيْتُنَّ فَلَا تَخْضَعْنَ بِالْقَوْلِ فَيَطْمَعَ

جيئن ڪي عام عورتون جيڪڏهن پرهيزگاري ڪريو پوءِ نرمي نه ڪريو ڳالهائڻ ۾ پوءِ لالچ ڪندو

زائفن جهڙيون نه آهيو جيڪڏهن اوهين (الله کان) ڊڄنديون آهيو ته (ڪنهن ڌارئي ماڻهوءَ سان) ڳالهائڻ ۾ هيڻاهين نه ڪريو

الَّذِيْ فِيْ قَلْبِهٖ مَرَضٌ وَّقُلْنَ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ﴿٣٢﴾ ج وَقَرْنَ

اهو جنهن جي دل ۾ بيماري آهي ۽ ڳالهايو ڳالهه درست. ۽ رهو

جو ته جنهن جي دل ۾ بيماري آهي، سو (متان) طمع ڪري ۽ چڱو سخن ڳالهايو. ۽ پنهنجن گهرن ۾ رهو

فِيْ بُيُوْتِكُنَّ وَلَا تَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِيَّةِ الْاُوْلٰى وَاَقِمْنَ

گهرن پنهنجن ۾ ۽ نه نڪرو نڪرڻ جاهليت اڳئين جيان ۽ قائم ڪريو

۽ اڳئين جاهليت جي سينگار وانگر سينگار نه ڪريو ۽ نماز قائم رکو

الصَّلٰوةَ وَاٰتِيْنَ الزَّكٰوةَ وَاَطِعْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ۭ اِنَّمَا يُرِيْدُ

نماز ۽ ڏيو زڪوات ۽ چيو مڃيو الله ۽ سندس رسول جو. رڳو چاهي ٿو

۽ زڪوات ڏيو ۽ الله ۽ سندس پيغمبر جي فرمانبرداري ڪريو. اي پيغمبر

اللّٰهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَيْتِ وَيُطَهِّرَكُمْ

الله ته پري ڪري توهان کان خرابي اي گهروارؤ ۽ پاڪ ڪري توهان کي

جا گهروارؤ! الله رڳو هيءَ گهرندو آهي ته اوهان کان پليتي دور ڪري ۽ ته اوهان کي چڱيءَ طرح پاڪ ڪري.

تَطْهِيْرًا ﴿٣٣﴾ ج وَاذْكُرْنَ مَا يُتْلٰى فِيْ بُيُوْتِكُنَّ مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ وَالْحِكْمَةِ ۭ

پوري طرح پاڪ. ۽ ياد ڪريو جيڪي پڙهجي ٿو توهان جي گهرن ۾ الله جي آيتن ۽ حڪمت مان.

۽ اوهان جي گهرن ۾ جيڪي الله جي آيتن ۽ دانائيءَ جي ڳالهين (علم شريعت) مان پڙهبو آهي، سو ياد ڪريو.

اِنَّ اللّٰهَ كَانَ لَطِيْفًا خَبِيْرًا ﴿٣٤﴾ ع اِنَّ الْمُسْلِمِيْنَ وَالْمُسْلِمٰتِ وَالْمُؤْمِنِيْنَ ع ٤

بيشڪ الله آهي باريڪ بين خبر رکندڙ. يقينن مسلمان مرد ۽ مسلمان عورتون ۽ ايمان وارا مرد

جو ته الله لطف ڪندڙ خبر رکندڙ آهي. بيشڪ مسلمان مرد ۽ مسلمان زائفون

وَالْمُؤْمِنٰتِ وَالْقٰنِتِيْنَ وَالْقٰنِتٰتِ وَالصّٰدِقِيْنَ

۽ ايمان واريون عورتون ۽ فرمانبردار مرد ۽ فرمانبردار عورتون ۽ سچا مرد

۽ مومن ۽ مومنياڻيون ۽ فرمانبردار ۽ فرمانبردارڻيون ۽ سچار ۽ سچاريون

وَالصّٰدِقٰتِ وَالصّٰبِرِيْنَ وَالصّٰبِرٰتِ وَالْخٰشِعِيْنَ وَالْخٰشِعٰتِ

۽ سچيون عورتون ۽ صبر وارا مرد ۽ صبر واريون عورتون ۽ عاجزي ڪندڙ مرد ۽ عاجزي ڪندڙ عورتون

۽ صبر وارا ۽ صبرواريون ۽ (الله کان) ڊڄندڙ ۽ (الله کان) ڊڄندڙيون ۽ خيرات ڪرڻ وارا

وَالْمُتَصَدِّقِيْنَ وَالْمُتَصَدِّقٰتِ وَالصَّآئِمِيْنَ وَالصّٰٓئِمٰتِ وَالْحٰفِظِيْنَ

۽ خير ڏيندڙ مرد ۽ خير ڏيندڙ عورتون ۽ روزو رکندڙ مرد ۽ روزو رکندڙ عورتون ۽ حفاظت ڪندڙ مرد

۽ خيرات ڪرڻ واريون ۽ روزي رکڻ وارا ۽ روزي رکڻ واريون ۽ پنهنجين اوگهڙن جي حفاظت ڪرڻ وارا

فُرُوْجَهُمْ وَالْحٰفِظٰتِ وَالذّٰكِرِيْنَ اللّٰهَ كَثِيْرًا وَّالذّٰكِرٰتِ ۙ اَعَدَّ

پنهنجي اگهڙن جي ۽ حفاظت ڪندڙ عورتون ۽ ذڪر ڪندڙ مرد الله جو گهڻو ۽ ذڪر ڪندڙ عورتون تيار ڪئي آهي

۽ حفاظت ڪرڻ واريون ۽ الله کي گهڻو ياد ڪندڙ ۽ ياد ڪندڙيون انهن (سڀني) لاءِ

اللّٰهُ لَهُمْ مَّغْفِرَةً وَّاَجْرًا عَظِيْمًا ﴿۳۵﴾ وَمَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ وَّلَا

الله انهن لاءِ بخشش ۽ ثواب وڏو ۽ ناهي ڪنهن مومن ۽

الله بخشش ۽ وڏو اجر تيار ڪيو آهي. ۽ جڏهن الله ۽ سندس پيغمبر ڪنهن ڪم بابت حڪم ڪري

مُؤْمِنَةٍ اِذَا قَضَى اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗٓ اَمْرًا اَنْ يَّكُوْنَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ

مومنياڻي لاءِ جڏهن حڪم ڪري الله ۽ ان جو رسول ڪنهن ڪم جو ته هجي انهن کي اختيار

(تڏهن) ڪنهن مومن ۽ ڪنهن مومنياڻيءَ کي انهيءَ پنهنجي ڪم ۾ ڪو اختيار هجڻ نه جڳائي.

مِنْ اَمْرِهِمْ ؕ وَمَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًا

سندن ڪم ۾ ۽ جيڪو بي فرماني ڪندو الله جي ۽ ان جي رسول جي سو گمراهه ٿيو گمراهي

۽ جيڪو الله ۽ سندس پيغمبر جي نافرماني ڪندو سو بيشڪ پڌريءَ ڀُل ۾ ڀُلو. ۽ (اي پيغمبر!

مُّبِيْنًا ﴿۳۶﴾ وَاِذْ تَقُوْلُ لِلَّذِيْٓ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاَنْعَمْتَ عَلَيْهِ

پڌري ۽ جڏهن تو چيو ان کي مهرباني ڪئي الله جنهن تي ۽ تو به مهرباني ڪئي ان تي

ياد ڪر) جڏهن تو انهيءَ شخص کي چيو ٿي جنهن تي الله فضل ڪيو آهي ۽ تو (بہ) مٿس احسان ڪيو

اَمْسِكْ عَلَيْكَ زَوْجَكَ وَاتَّقِ اللّٰهَ وَتُخْفِيْ فِيْ نَفْسِكَ مَا اللّٰهُ

ته جهل پاڻ وٽ پنهنجي زال ۽ ڊڄ الله کان ۽ رکين پيو پنهنجي دل ۾ اها شيءِ الله

ته پنهنجيءَ زال کي پاڻ وٽ جهل ۽ (طلاق نه ڏي) ۽ الله کان ڊڄ ۽ تو پنهنجيءَ دل ۾ اها (ڳالهه) لڪائي ٿي، جنهن کي الله

مُبْدِيْهِ وَتَخْشَى النَّاسَ ۚ وَاللّٰهُ اَحَقُّ اَنْ تَخْشٰىهُ ؕ فَلَمَّا قَضٰى

جنهن کي ظاهر ڪندڙ آهي ۽ حذر ڪرين پيو ماڻهن کان، ۽ الله وڌيڪ حقدار آهي جو حذر ڪرين ان کان، پوءِ جڏهن پليو

پڌرو ڪندڙ آهي ۽ ماڻهن کان ڊنين ٿي، حالانڪ الله (هن ڳالهہ جو) وڌيڪ حقدار آهي، جو ان کان ڊڄين. پوءِ جنهن مهل

زَيْدٌ مِّنْهَا وَطَرًا زَوَّجْنٰكَهَا لِكَيْ لَا يَكُوْنَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ حَرَجٌ

زيد انهيءَ کان آسرو تہ پرڻائي سون توکي اها جيئن نہ رهي مٿان مومنن جي ڪا تنگي

زيد اُن (عورت) کان پنهنجي حاجت پوري ڪئي، (يعني طلاق ڏنائين تنهن مهل) ان کي تو سان پرڻايوسون (هن لاءِ) تہ مومنن تي پنهنجي پٽيلن جي

فِيْٓ اَزْوَاجِ اَدْعِيَآئِهِمْ اِذَا قَضَوْا مِنْهُنَّ وَطَرًا ؕ وَكَانَ اَمْرُ اللّٰهِ

زالن پٽيلن جي ۾ جڏهن اهي لاهين انهن مان آسرو، ۽ آهي امر الله جو

زالن پرڻجڻ ۾ ڪا اوکائي نہ رهي، جڏهن (اهي) اُنهن کان پنهنجي حاجت پوري ڪن (يعني طلاق ڏين.) ۽ الله جو (جيڪو) حڪم

مَفْعُوْلًا ﴿٣٧﴾ مَا كَانَ عَلَى النَّبِيِّ مِنْ حَرَجٍ فِيْمَا فَرَضَ اللّٰهُ لَهٗ ؕ

پورو ٿيل. ناهي نبي تي ڪا تنگي ان ڳالهہ ۾ جا مقرر ڪئي الله انهي لاءِ

(آهي سو) ٿيڻو آهي. پيغمبر تي انهيءَ ۾ ڪو حرج نہ آهي، جيڪي الله اُن (پيغمبر) لاءِ حلال ڪيو آهي.

سُنَّةَ اللّٰهِ فِى الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلُ ؕ وَكَانَ اَمْرُ اللّٰهِ قَدَرًا

اهو دستور آهي الله جو انهن ۾ جيڪي ٿي گذريا آهن اڳي، ۽ آهي ڪم الله جو انداز آهر

جيڪي اڳ گذري ويا تن ۾ (بہ) الله جو اهو دستور هو ۽ الله جو حڪم ٺهرايل (اُنهن لاءِ) مقرر آهي.

مَّقْدُوْرًا ﴿٣٨﴾ الَّذِيْنَ يُبَلِّغُوْنَ رِسٰلٰتِ اللّٰهِ وَيَخْشَوْنَهٗ وَلَا يَخْشَوْنَ

مقرر ٿيل. جيڪي پهچائين ٿا نياپا الله جا ۽ ڊڄن ٿا انهي کان ۽ نہ ٿا ڊڄن ڪنهين

جيڪي الله جا پيغام پهچائيندا آهن ۽ کانئس ڊڄندا آهن ۽ الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن کان نہ ڊڄندا آهن

اَحَدًا اِلَّا اللّٰهَ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ حَسِيْبًا ﴿٣٩﴾ مَا كَانَ مُحَمَّدٌ اَبَآ اَحَدٍ مِّنْ

هڪڙي کان سواءِ الله جي، ۽ ڪافي آهي الله حساب وٺندڙ. نہ آهي محمد پيءُ ڪنهين جو توهان جي

۽ الله حساب ڪندڙ ڪافي آهي. محمد (ﷺ) اوهان جي مردن مان ڪنهن هڪ جو پيءُ نہ آهي،

رِّجَالِكُمْ وَلٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ

مردن مان پر رسول الله جو ۽ خاتم النبيين آهي، ۽ الله هر شيءِ کي

پر الله جو پيغمبر آهي ۽ سڀني پيغمبرن جي مُهر آهي ۽ الله هر شيءِ کي

شَيْءٍ عَلِيْمًا ﴿٤٠﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوا اللّٰهَ ذِكْرًا كَثِيْرًا ﴿٤١﴾ وَّ

ڄاڻندڙ آهي. اي اهي جن ايمان آندو ذڪر ڪريو الله جو ذڪر گهڻو. ۽

ڄاڻندڙ آهي. اي ايمان وارؤ! الله کي تمام گهڻو ياد ڪريو. ۽ صبح ۽ سانجهيءَ جو ڪيس

سَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا ﴿٤٢﴾ هُوَ الَّذِيْ يُصَلِّيْ عَلَيْكُمْ وَمَلٰٓئِكَتُهٗ

تسبيح پڙهوان جي صبح ۽ شام اهو آهي جو رحمت موڪلي ٿو توهان تي ۽ ان جا ملائڪ

پاڪائيءَ سان واکاڻيو. هو اهو آهي جو اوهان تي رحمت موڪلي ٿو ۽ سندس ملائڪ به اوهان لاءِ رحمت جي دعا گهرندا آهن

لِيُخْرِجَكُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ؕ وَكَانَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَحِيْمًا ﴿٤٣﴾

جيئن ڪڍي توهان کي اونداهين مان روشني ڏانهن، ۽ آهي مومنن تي ٻاجهارو.

ته اوهان کي اونداهين مان سوجهري ڏانهن ڪڍي ۽ الله مومنن تي مهربان آهي.

تَحِيَّتُهُمْ يَوْمَ يَلْقَوْنَهٗ سَلٰمٌ ۚۖ وَاَعَدَّ لَهُمْ اَجْرًا كَرِيْمًا ﴿٤٤﴾ يٰٓاَيُّهَا

ڪيڪار انهن جي جنهن ڏينهن ملندا ان سان سلام هوندو ۽ تيار ڪيائين انهن لاءِ اجر ڀلو. اي

جنهن ڏينهن الله کي ملندا (تنهن ڏينهن) سندن ڪيڪار سلام آهي ۽ انهن لاءِ سگهورو اجر تيار ڪيو اٿس. اي پيغمبر!

النَّبِيُّ اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّمُبَشِّرًا وَّنَذِيْرًا ﴿٤٥﴾ وَّدَاعِيًا

نبي اسان موڪليو آهي توکي ڏس ڏيندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري، ۽ سڏيندڙ

بيشڪ اسان توکي شاهدي ڏيندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو. ۽ الله ڏانهن

اِلَى اللّٰهِ بِاِذْنِهٖ وَسِرَاجًا مُّنِيْرًا ﴿٤٦﴾ وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ بِاَنَّ لَهُمْ مِّنَ

الله ڏانهن سندس حڪم سان ۽ ڏيئو روشن ڪري. ۽ خوشخبري ڏج مومنن کي ته بيشڪ انهن لاءِ آهي

سندس حڪم سان سڏيندڙ ۽ روشن ڏيئو (ڪري موڪليوسون). ۽ مومنن کي خوشخبري ڏي ته انهن لاءِ

اللّٰهِ فَضْلًا كَبِيْرًا ﴿٤٧﴾ وَلَا تُطِعِ الْكٰفِرِيْنَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ وَدَعْ

الله جي طرفان مهرباني وڏي. ۽ نه چيو وٽ ڪافرن ۽ منافقن جو ۽ ڇڏ

الله جي پار کان وڏو فضل آهي. ۽ ڪافرن ۽ منافقن جو چيو نه مڃ ۽ سندن ايذائڻ (جي خيال) کي ڇڏ

اَذٰىهُمْ وَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿٤٨﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ

انهن جي ڏکائڻ کي ۽ ڀروسو ڪر الله تي ۽ ڪافي آهي الله ڪارساز. اي اهي جن

۽ الله تي ڀروسو ڪر ۽ الله ڪارساز آهي. اي ايمان وارؤ!

اٰمَنُوْٓا اِذَا نَكَحْتُمُ الْمُؤْمِنٰتِ ثُمَّ طَلَّقْتُمُوْهُنَّ مِنْ قَبْلِ اَنْ

ايمان آندو جڏهن نڪاح ڪريو مومنياڻين سان پوءِ طلاق ڏيو ٿا انهن کي اڳي ئي جو

جڏهن مومنياڻين کي پرڻجو ۽ وري کين هٿ لائڻ کان اڳ ۾ طلاق ڏيو،

تَمَسُّوْهُنَّ فَمَا لَكُمْ عَلَيْهِنَّ مِنْ عِدَّةٍ تَعْتَدُّوْنَهَا ۚ فَمَتِّعُوْهُنَّ

هٿ لايو انهن کي ته ناهي توهان لاءِ انهن تي ڪا عدت جا پوري ڪرايو، پوءِ فائدو ڏيو انهن کي

تڏهن مٿن ڪا عدت اوهان لاءِ ڪانهي، جنهن کي (اوهين) ڳڻيو، پوءِ کين (ڇڙو) جوڙو ڏيو

وَسَرِّحُوْهُنَّ سَرَاحًا جَمِيْلًا ﴿٤٩﴾ يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّآ اَحْلَلْنَا لَكَ اَزْوَاجَكَ
۽ ڇڏيو انهن کي ڇڏڻ چڱي طرح. اي نبي اسان حلال ڪيون تولاءِ زالون تنهنجون اهي
۽ چڱيءَ طرح سان ڪين ڇڏيو. اي پيغمبرا بيشڪ، اسان تو لاءِ اهي زالون حلال ڪيون جن کي

الّٰتِيْٓ اٰتَيْتَ اُجُوْرَهُنَّ وَمَا مَلَكَتْ يَمِيْنُكَ مِمَّآ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلَيْكَ
جن کي ڏنا تو سندن مهر ۽ اهي ٻانهيون جيڪي ڏياريون الله توکي
تو سندن ڪابين ڏنو ۽ جيڪي ٻانهيون الله توتي عنايت ڪيون تن مان جن تي تنهنجو هٿ مالڪ ٿئي سي

وَبَنٰتِ عَمِّكَ وَبَنٰتِ عَمّٰتِكَ وَبَنٰتِ خَالِكَ وَبَنٰتِ خٰلٰتِكَ
۽ تنهنجيون سوٽيون ۽ ڦڦاتيون ۽ ماروٽيون ۽ ماساتيون
۽ تنهنجي چاچي جون ڌيئر ۽ تنهنجي ڦڦين جون ڌيئر ۽ تنهنجي مامي جون ڌيئر ۽ تنهنجي ماسين جون ڌيئر

الّٰتِيْ هَاجَرْنَ مَعَكَ ز وَامْرَاَةً مُّؤْمِنَةً اِنْ وَّهَبَتْ نَفْسَهَا لِلنَّبِيِّ
اهي جن هجرت ڪئي توسان، ۽ ڪا عورت مومنياڻي جيڪڏهن بخشي ڇڏي پنهنجو پاڻ نبي لاءِ
جن تو سان گڏ هجرت ڪئي، حلال ڪيون سون ۽ اها مومنياڻي زائفان بہ (حلال ڪئي سون) جيڪا پنهنجي جند پيمغبر کي (سواءِ مهر

اِنْ اَرَادَ النَّبِيُّ اَنْ يَّسْتَنْكِحَهَا ق خَالِصَةً لَّكَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ط
جيڪڏهن چاهي نبي تہ شادي ڪري انهي سان، خاص تولاءِ نہ ٻين مومنن لاءِ،
وٺڻ جي) بخشي، بشرطيڪ پيغمبر ڪيس پرڻجڻ جو ارادو ڪري (اِهو حڪم) مومنن کان سواءِ خاص تو لاءِ آهي.

قَدْ عَلِمْنَا مَا فَرَضْنَا عَلَيْهِمْ فِيْٓ اَزْوَاجِهِمْ وَمَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ
اسان کي معلوم آهي جيڪي اسان مقرر ڪيو آهي انهن تي سندن زالن ۽ سندن ٻانهين جي حق ۾
انهن (مومن) تي سندن زالن ۽ سندن ٻانهين بابت جن تي سندن هٿ مالڪ ٿيا آهن ۽ جيڪي (ڪابين ۽ خرچ ڏيڻ) فرض

لِكَيْلَا يَكُوْنَ عَلَيْكَ حَرَجٌ ط وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٥٠﴾ تُرْجِيْ
جيئن نہ هجي توتي ڪا تنگي ۽ آهي الله بخشڻهار مهربان. تون پري ڪري
ڪيو اٿئون، سو بيشڪ ڄاتو اٿئون (اهو) هن ڪري تہ توتي ڪو حرج نہ هجي ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

مَنْ تَشَآءُ مِنْهُنَّ وَتُـْٔوِيْٓ اِلَيْكَ مَنْ تَشَآءُ ط وَمَنِ ابْتَغَيْتَ
جنهنکي گهرين انهن مان ۽ رهائين پاڻ وٽ جنهن کي تون چاهين ۽ جنهنکي گهرائين انهن مان
منجهائن جنهن کي گهرين تنهن کي ڇڏي ڏين ۽ جنهن کي گهرين تنهن کي پاڻ وٽ جاءِ ڏين ۽ جن کي تو پاسي ڪيو

مِمَّنْ عَزَلْتَ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكَ ط ذٰلِكَ اَدْنٰٓى اَنْ تَقَرَّ اَعْيُنُهُنَّ
جن کي تو الڳ ڪيو هئو پوءِ ناهي ڪو گناهہ توتي، اهو ويجهو آهي تہ ٺرن اکيون انهن جون
تن مان جنهن کي وري طلب ڪرين تہ توتي ڪو گناهہ نہ آهي. اهو (اختيار) هن (ڳالهہ) کي تمام ويجهو آهي تہ سندن اکيون ٺرن

وَلَا يَحْزَنَّ وَيَرْضَيْنَ بِمَآ اٰتَيْتَهُنَّ كُلُّهُنَّ ط وَاللّٰهُ يَعْلَمُ
۽ نہ ڏکاريون ٿين ۽ راضي رهن اُن تي جيڪي تو ڏنو انهن کي سموريون، ۽ الله ڄاڻي ٿو
۽ (اهي) غمگين نہ ٿين ۽ جيڪي تون کين ڏين تنهن کان اهي سڀ خوش ٿين ۽ جيڪي اوهان جي دلين ۾ آهي،

مَا فِىْ قُلُوْبِكُمْ ط وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَلِيْمًا ﴿٥١﴾ لَا يَحِلُّ لَكَ
جيڪي توهان جي دلين ۾ آهي، ۽ الله علم رکندڙ سهپ رکندڙ آهي. ناهن حلال تولاءِ
سو الله ڄاڻندو آهي ۽ الله ڄاڻندڙ بردبار آهي. (اي پيغمبر!) اِنهن (ٻن قسمن) کان پوءِ توکي ٻيون زالون حلال نہ آهن

النِّسَآءُ مِنْۢ بَعْدُ وَلَآ اَنْ تَبَدَّلَ بِهِنَّ مِنْ اَزْوَاجٍ وَّلَوْ
عورتون هن کان پوءِ ۽ نہ بدلائيندين انهن کي ٻين زالن سان جتوڻيڪ
۽ نکي انهن جي بجاءِ (ٻيون) زالون نڪاح ڪرين، جيتوڻيڪ

اَعْجَبَكَ حُسْنُهُنَّ اِلَّا مَا مَلَكَتْ يَمِيْنُكَ ط وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى
وڻي توکي سونهن انهن جي مگر جا مِلڪ هجي تنهنجي هٿ، ۽ الله هر
سندن سونهن توکي پسند اچي، پر تنهنجو هٿ جنهن جو مالڪ ٿيو آهي، (تنهن ۾ توکي اختيار آهي) ۽ الله

كُلِّ شَىْءٍ رَّقِيْبًا ﴿٥٢﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَدْخُلُوْا بُيُوْتَ
شيءِ تي نگهبان آهي. اي ايمان وارو! نہ وڃو نبي جي
سڀڪنهن شيءِ تي نگهبان آهي. اي مومنو! پيغمبر جي گهرن ۾ اُنهيءَ (وقت) کان سواءِ اندر نہ وڃو (جنهن وقت)

النَّبِىِّ اِلَّآ اَنْ يُّؤْذَنَ لَكُمْ اِلٰى طَعَامٍ غَيْرَ نٰظِرِيْنَ اِنٰىهُ لا وَلٰكِنْ
گهرن ۾ پر جو موڪل ڏني وڃي توهان کي کاڌي کائڻ لاءِ نہ انتظار ڪندڙ ان جي پچڻ جو پر
اوهان کي ڪنهن طعام (کائڻ) لاءِ اچڻ جي موڪل ڏني وڃي (۽ اهڙي وقت وڃو جو) اُن جي تيار ٿيڻ جو انتظار ڪندڙ نہ هجو.

اِذَا دُعِيْتُمْ فَادْخُلُوْا فَاِذَا طَعِمْتُمْ فَانْتَشِرُوْا وَلَا مُسْتَاْنِسِيْنَ
جڏهن سڏ ٿئي توهان کي پوءِ اندر وڃو پوءِ جڏهن کائي ٻيهو تہ هليا وڃو ۽ نہ وروند ڪندڙ
پر جڏهن اوهان کي سڏيو وڃي، تڏهن اندر وڃو پوءِ جڏهن کائي چڪو تڏهن نڪري وڃو ۽ ڪنهن ڳالهہ ۾ ريجهي ويهي نہ رهو.

لِحَدِيْثٍ ط اِنَّ ذٰلِكُمْ كَانَ يُؤْذِى النَّبِىَّ فَيَسْتَحْىٖ مِنْكُمْ ز وَاللّٰهُ
ڪنهن ڳالهہ ۾، بيشڪ اهو تڪليف ڏئي ٿو نبيءَ کي پوءِ حياءُ ڪري ٿو توهان کان، ۽ الله
ڇو تہ اِنهي (ڪم) پيغمبر کي ايذايو ٿي، پوءِ هُو اوهان کان لڄ ٿي ڪئي ۽ الله حق (چوڻ)

لَا يَسْتَحْىٖ مِنَ الْحَقِّ ط وَاِذَا سَاَلْتُمُوْهُنَّ مَتَاعًا فَسْـَٔلُوْهُنَّ مِنْ
نہ ٿو حياءُ ڪري حق جي ڳالهہ کان، ۽ جڏهن گهرو انهن کان ڪا شيءِ تہ گهرو انهن کان پردي
کان لڄ نہ ڪندو آهي ۽ جڏهن انهن (پيغمبر جي ٻيبين) کان ڪا شيءِ گهرو تڏهن پردي جي ٻاهران کائڻ گهرو.

وَّرَآءِ حِجَابٍ ؕ ذٰلِكُمْ اَطْهَرُ لِقُلُوْبِكُمْ وَقُلُوْبِهِنَّ ؕ وَمَا كَانَ لَكُمْ

پٺيان. اهو وڌيڪ پاڪ ڪندڙ آهي توهانجي دلين ۽ انهن جي دلين کي. ۽ نہ جڳائي توهان کي

اِهو (ڪم) اوهان جي دلين ۽ انهن جي دلين لاءِ ڏاڍو پاڪ آهي ۽ اوهان کي نہ جڳائيندو آهي

اَنْ تُؤْذُوْا رَسُوْلَ اللّٰهِ وَلَآ اَنْ تَنْكِحُوْٓا اَزْوَاجَهٗ مِنْۢ بَعْدِهٖٓ اَبَدًا ؕ

جو تڪليف ڏيو الله جي رسول کي ۽ نڪي هي تہ شادي ڪريو ان جي ٻيبين سان انهي کان پوءِ ڪڏهن بہ.

تہ الله جي پيغمبر کي ايذايو ۽ نڪي (جڳائيندو آهي) تہ ان کان پوءِ سندس زالون اوهين ڪڏهن پرڻجو.

اِنَّ ذٰلِكُمْ كَانَ عِنْدَ اللّٰهِ عَظِيْمًا ﴿٥٣﴾ اِنْ تُبْدُوْا شَيْـًٔا اَوْ تُخْفُوْهُ

بيشڪ اهو آهي الله وٽ وڏو گناهہ. جيڪڏهن ظاهر ڪندؤ ڪا ڳالهہ يا توهان لڪائيندؤ انکي

ڇو تہ اِهو (ڪم) الله وٽ وڏو (گناهہ) آهي. جيڪڏهن ڪنهن ڳالهہ کي پڌرو ڪريو يا ان کي لڪايو

فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمًا ﴿٥٤﴾ لَا جُنَاحَ عَلَيْهِنَّ فِيْٓ اٰبَآئِهِنَّ

پوءِ الله ئي آهي هر شيءِ جو ڄاڻندڙ ناهي گناهہ انهن عورتن تي سندن پيئرن جي اچڻ ۾

تہ بيشڪ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. زالن تي نہ کي پنهنجن پين

وَلَآ اَبْنَآئِهِنَّ وَلَآ اِخْوَانِهِنَّ وَلَآ اَبْنَآءِ اِخْوَانِهِنَّ وَلَآ اَبْنَآءِ

۽ نڪي انهن جي پٽن ۽ نڪي انهن جي ڀائرن ۽ نڪي ڀائٽين ۽ نڪي

۽ نہ کي پنهنجن پٽن ۽ نہ کي پنهنجن ڀائرن ۽ نہ کي پنهنجن ڀائٽين ۽ نہ کي پنهنجن ڀاڻيجن ۽ نہ کي

اَخَوٰتِهِنَّ وَلَا نِسَآئِهِنَّ وَلَا مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُنَّ ۚ وَاتَّقِيْنَ اللّٰهَ ؕ

ڀاڻيجن ۽ نہ پنهنجين عورتن ۽ نہ انهن کان جن تي مالڪ ٿيا سندن هٿ. ۽ ڊڄنديون رهو الله کان.

پنهنجن (مسلمان) زائفن ۽ نہ کي جن تي سندن هٿ مالڪ ٿيا آهن، تن جي اڳيان (پردي نہ ڪرڻ ۾) گناهہ آهي، ۽ (اي عورتون!) الله کان ڊڄو.

اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدًا ﴿٥٥﴾ اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ

بيشڪ الله آهي هر شيءِ تي حاضر. بيشڪ الله ۽ انهيءَ جا ملائڪ

ڇو تہ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي حاضر آهي. بيشڪ، الله ۽ سندس ملائڪ

يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ؕ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا

صلوات پڙهن ٿا نبي تي، اي ايمان وارؤ! صلوات پڙهو انهيءَ تي ۽ سلام ڪريو

پيغمبر تي رحمت موڪليندا آهن. اي ايمان وارؤ اوهين بہ مٿس صلوات پڙهو ۽ پوريءَ طرح سلام چئو.

تَسْلِيْمًا ﴿٥٦﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ

سلام چئي. بيشڪ جيڪي ماڻهو رنجائن ٿا الله ۽ ان جي رسول کي لعنت ڪئي انهن تي الله

بيشڪ، جيڪي الله ۽ سندس پيغمبر کي ايذائيندا آهن، تن تي الله

فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ وَاَعَدَّ لَهُمْ عَذَابًا مُّهِيْنًا ﴿٥٧﴾ وَالَّذِيْنَ

دنيا ۾ آخرت ۾ ۽ تيار ڪيائين انهن لاءِ عذاب خوار ڪندڙ. ۽ جيڪي

دنيا ۽ آخرت ۾ لعنت ڪئي آهي ۽ انهن لاءِ خواريءَ وارو عذاب تيار ڪيو اٿس. ۽ جيڪي (ماڻهو)

يُؤْذُوْنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ بِغَيْرِ مَا اكْتَسَبُوْا فَقَدِ احْتَمَلُوْا

ايذائن ٿا مومنن ۽ مومنياڻين کي بي گناهه پوءِ بيشڪ کڻيو انهن

مومنن ۽ مومنياڻين کي اهڙي ڪم (جي تهمت) سان ايذائيندا آهن، جو انهن نه ڪيو هجي، تن بيشڪ

بُهْتَانًا وَّاِثْمًا مُّبِيْنًا ﴿٥٨﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّاَزْوَاجِكَ وَبَنٰتِكَ ع ٧

وڏو ڪوڙ ۽ گناهه پڌرو. اي نبي چئو پنهنجي زالن کي ۽ ڌيئرن کي

ڪوڙي ناهه ۽ پڌري گناهه جو بار کنيو. اي پيغمبر! پنهنجين زالن ۽ پنهنجين ڌيئرن

وَنِسَآءِ الْمُؤْمِنِيْنَ يُدْنِيْنَ عَلَيْهِنَّ مِنْ جَلَابِيْبِهِنَّ ؕ ذٰلِكَ

۽ مسلمانن جي عورتن کي ته لڙڪائين پاڻ تي چادرون پنهنجيون، اهو

۽ مومنن جي عورتن کي چئو ته (جيڪڏهن ٻاهر نڪرن ته) پاڻ تي پنهنجون چادريون وجهن. اهو (هن ڳالهه کي)

اَدْنٰۤى اَنْ يُّعْرَفْنَ فَلَا يُؤْذَيْنَ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٥٩﴾

ويجهو آهي جو ڪين ڄاتو وڃي پوءِ نه ايذايون وڃن. ۽ آهي الله مرهيندڙ مهربان.

تمام ويجهو آهي ته، اهي سڃاتيون وڃن (ته هي پرديدار آهن)، پوءِ ڪين ايذاءُ ڏنو نه وڃي ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

لَئِنْ لَّمْ يَنْتَهِ الْمُنٰفِقُوْنَ وَالَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ وَّالْمُرْجِفُوْنَ

اجا جيڪڏهن نه مڙيا منافق ۽ اهي جن جي دلين ۾ روڳ آهي ۽ غلط خبرون پکيڙيندڙ

منافق ۽ جن جي دلين ۾ بيماري آهي، سي ۽ مديني ۾ ڪوڙين ڳالهين پکيڙڻ وارا جيڪڏهن (پنهنجيءَ عادت کان) نه جهليا

فِي الْمَدِيْنَةِ لَنُغْرِيَنَّكَ بِهِمْ ثُمَّ لَا يُجَاوِرُوْنَكَ فِيْهَآ اِلَّا

مديني ۾ ته اپاريندا سون توکي انهن تي پوءِ نه رهندا تنهن جي پاڙي انهي شهر ۾ مگر

ته مٿن توکي مسلط ڪنداسون، وري ٿورن (ڏينهن) کان سواءِ ان (يعني مديني) ۾ تنهنجا پاڙيسري

قَلِيْلًا ﴿٦٠﴾ مَّلْعُوْنِيْنَ ۛۚ اَيْنَمَا ثُقِفُوْۤا اُخِذُوْا وَقُتِّلُوْا تَقْتِيْلًا ﴿٦١﴾ معانقة ١٢ عند المتأخرين

ٿورو. ڦٽڪار ڪيل. جتي به لڀندا پڪڙيا ويندا ۽ ماريا ويندا قتل ڪري.

نه ٿيندا. ڦٽڪاريل آهن. جتي لڀندا تتي پڪڙبا ۽ چڱيءَ طرح ڪُسبا. جيڪي

سُنَّةَ اللّٰهِ فِي الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلُ ۚ وَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّةِ اللّٰهِ

اهو الله جو دستور آهي انهن ۾ جيڪي گذري ويا اڳي، ۽ هرگز نه لهندين الله جي دستور ۾

(هن کان) اڳ گذري ويا تن ۾ (به) الله جو اهو دستور هو ۽ الله جي دستور کي ڪڏهن مٽ ست نه ڏسندين.

تَبْدِيْلًا ﴿٦٢﴾ يَسْئَلُكَ النَّاسُ عَنِ السَّاعَةِ ط قُلْ اِنَّمَا عِلْمُهَا

ڪا تبديلي. پڇن ٿا توکان ماڻهو قيامت جو. چؤ ر‌ڳو خبران جي

ماڻهو توکان قيامت بابت پڇن ٿا. (ڪين) چئو تہ، ان جي خبر رڳو الله وٽ آهي

عِنْدَ اللّٰهِ ط وَمَا يُدْرِيْكَ لَعَلَّ السَّاعَةَ تَكُوْنُ قَرِيْبًا ﴿٦٣﴾ اِنَّ

الله کي آهي، ۽ توکي ڇا خبر شايد اها گهڙي هجي ويجهي. بيشڪ

۽ ڪهڙيءَ (ڳالهہ) توکي ڄاڻايو تہ متان قيامت ويجهڙوئي ٿيندي هجي؟ بيشڪ، الله

اللّٰهَ لَعَنَ الْكٰفِرِيْنَ وَ اَعَدَّ لَهُمْ سَعِيْرًا ﴿٦٤﴾ لا خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ

الله ڦٽڪار ڪئي آهي ڪافرن تي ۽ تيار ڪيائين انهن لاءِ دوزخ. رهندا ان ۾

ڪافرن تي لعنت ڪئي آهي ۽ انهن لاءِ ساڙيندڙ باهہ تيار ڪئي اٿس. منجهس سدائين رهڻ وارا آهن،

اَبَدًا ج لَا يَجِدُوْنَ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا ﴿٦٥﴾ ج يَوْمَ تُقَلَّبُ وُجُوْهُهُمْ

هميشہ، نہ لهندا ڪو حمايتي ۽ نڪي مددگار. جنهن ڏينهن اونڌا ڪبا منهن انهن جا

نڪي ڪو سڄڻ ۽ نڪي ڪو مددگار لهندا. جنهن ڏينهن سندن منهن باهہ ۾ اونڌا ڪبا (تنهن ڏينهن)

فِي النَّارِ يَقُوْلُوْنَ يٰلَيْتَنَآ اَطَعْنَا اللّٰهَ وَاَطَعْنَا الرَّسُوْلَا ﴿٦٦﴾ وَقَالُوْا

باهہ ۾ چوندا هاءِ جيڪر تابعداري ڪيون ها الله جي ۽ تابعداري ڪيون ها رسول جي. ۽ چوندا

چوندا تہ اسان لاءِ هڏ ارمان! (جيڪر) الله جي فرمانبرداري ڪريون ها ۽ پيغمبر جي (بہ) فرمانبرداري ڪريون ها (تہ چڱو هو!) ۽ چوندا

رَبَّنَآ اِنَّآ اَطَعْنَا سَادَتَنَا وَكُبَرَآءَنَا فَاَضَلُّوْنَا السَّبِيْلَا ﴿٦٧﴾ رَبَّنَآ

اي رب اسان جا اسان تابعداري ڪئي سردارن پنهنجن ۽ وڏن پنهنجن جي پوءِ ڀلايائون اسان کي رستي کان. اي رب اسان جا

تہ اي اسان جا پالڻهار! بيشڪ اسان پنهنجن سردارن ۽ پنهجن وڏن جي فرمانبرداري ڪئي تہ انهن اسان کي واٽ کان ڀُلايو. اي اسان جا پالڻهار!

اٰتِهِمْ ضِعْفَيْنِ مِنَ الْعَذَابِ وَالْعَنْهُمْ لَعْنًا كَبِيْرًا ﴿٦٨﴾ ع يٰاَيُّهَا

ڏي انهن کي ٻيڻو عذاب ۽ وجهہ انهن تي ڦٽڪار وڏي. اي

کين ٻيڻو عذاب ڪر ۽ مٿن تمام وڏي لعنت ڪر. اي ايمان وارؤ!

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ اٰذَوْا مُوْسٰى فَبَرَّاَهُ اللّٰهُ مِمَّا

ايمان وارو نہ ٿيو انهن وانگر جن ايذايو موسيٰ کي پوءِ صاف ڪيو الله انهي کان جو

(اوهين) انهن وانگر نہ ٿيو جن موسيٰ کي ايذايو، پوءِ جيڪي چيائون تنهن کان الله کيس پاڪ ڪيو

قَالُوْا ط وَكَانَ عِنْدَ اللّٰهِ وَجِيْهًا ﴿٦٩﴾ ط يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا

چيائون، ۽ هئو وٽ الله جي مهانڊو. اي ايمان وارو ڊڄو

۽ (اهو) الله وٽ مان وارو هو. اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو

اللّٰهَ وَقُوۡلُوۡا قَوۡلًا سَدِيۡدًا ۙ﴿۷۰﴾ يُّصۡلِحۡ لَكُمۡ اَعۡمَالَكُمۡ وَيَغۡفِرۡ لَكُمۡ

الله کان ۽ چئو ڳالهه سڌي، ته سنواري توهان لاءِ ڪم توهان جا ۽ بخشي توهان کي

۽ سڌي ڳالهه چئو. (ته) اوهان جا عمل اوهان لاءِ سڌاري ۽ اوهان جا گناهه اوهان کي بخشي

ذُنُوۡبَكُمۡ ؕ وَمَنۡ يُّطِعِ اللّٰهَ وَرَسُوۡلَهٗ فَقَدۡ فَازَ فَوۡزًا عَظِيۡمًا ﴿۷۱﴾

ڏوهه توهان جا. ۽ جيڪو تابع ٿيندو الله جو ۽ سندس رسول جو پوءِ پهتو ڪاميابيءَ وڏي کي.

۽ جيڪو الله ۽ سندس پيغمبر جي فرمانبرداري ڪندو، تنهن بيشڪ وڏي مراد ماتي.

اِنَّا عَرَضۡنَا الۡاَمَانَةَ عَلَى السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ وَالۡجِبَالِ فَاَبَيۡنَ

بيشڪ اسان آڇي هئي امانت آسمانن تي ۽ زمين تي ۽ جبلن تي پوءِ انڪار ڪيائون

بيشڪ اسان آسمانن ۽ زمين ۽ جبلن کي امانت آڇي، ته ان جي کڻڻ کان انڪار ڪيائون

اَنۡ يَّحۡمِلۡنَهَا وَاَشۡفَقۡنَ مِنۡهَا وَحَمَلَهَا الۡاِنۡسَانُ ؕ اِنَّهٗ كَانَ

ان جي کڻڻ کان ۽ ڏڄي ويا انهي کان ۽ کنيو ان کي انسان، جو اهو هئو

۽ کانئس ڏنا ۽ ان کي انسان کنيو بيشڪ اهو

ظَلُوۡمًا جَهُوۡلًا ۙ﴿۷۲﴾ لِّيُعَذِّبَ اللّٰهُ الۡمُنٰفِقِيۡنَ وَالۡمُنٰفِقٰتِ

ظلوم جهول. جيئن سزا ڏئي الله منافقن ۽ منافقياڻين

وڏو ظالم جاهل آهي. (هيءَ آڇ هن لاءِ آهي) ته الله منافقن ۽ منافقياڻين

وَالۡمُشۡرِكِيۡنَ وَالۡمُشۡرِكٰتِ وَيَتُوۡبَ اللّٰهُ عَلَى الۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَالۡمُؤۡمِنٰتِ ؕ

۽ مشرڪن ۽ مشرڪياڻين کي ۽ بخشي الله مؤمنن ۽ مؤمنياڻين کي.

۽ مشرڪن ۽ مشرڪياڻين کي عذاب ڪري ۽ الله مؤمنن ۽ مؤمنياڻين تي ٻاجهه سان موٽي

وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوۡرًا رَّحِيۡمًا ﴿۷۳﴾ ع

۽ آهي الله بخشيندڙ مهربان.

۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

سُوۡرَةُ سَبَا مَكِّيَّةٌ — بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ — اٰيَاتُهَا ٥٤ رُكُوۡعَاتُهَا ٦

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِىۡ لَهٗ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الۡاَرۡضِ وَلَهُ

سڀ ساراهه الله لاءِ آهي، ان جو ئي آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي ۽ انهي جي

سڀ ساراهه انهيءَ الله کي جڳائي جو جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي، سو (سڀ) سندس آهي ۽ ان جي ئي

الْحَمْدُ فِي الْاٰخِرَةِ ط وَهُوَ الْحَكِيْمُ الْخَبِيْرُ ١ يَعْلَمُ مَا يَلِجُ

تعريف آهي آخرت ۾. ۽ اهوئي حڪمت وارو خبر رکندڙ آهي. چاڻي ٿو ان کي جو گهڙي ٿو

ساراه آخرت ۾ آهي ۽ اهو ئي حڪمت وارو خبر رکندڙ آهي. جيڪي زمين ۾ گهڙندو آهي ۽ جيڪي

فِي الْاَرْضِ وَمَا يَخْرُجُ مِنْهَا وَمَا يَنْزِلُ مِنَ السَّمَآءِ وَمَا يَعْرُجُ

زمين ۾ ۽ جو نڪري ٿو انهي مان ۽ جو لهي ٿو آسمان کان ۽ جو چڙهي ٿو

منجهانئس نڪرندو آهي ۽ جيڪي آسمان مان لهندو آهي ۽ جيڪي منجهس چڙهندو آهي، سو (سڀ اهو) ڄاڻندو آهي

فِيْهَا ط وَهُوَ الرَّحِيْمُ الْغَفُوْرُ ٢ وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

ان ۾. ۽ اهوئي ٻاجهارو بخشڻهار آهي. ۽ چيو ڪافرن

۽ اهو ئي مهربان بخشڻهار آهي. ۽ ڪافر چوندا آهن ته، اسان تي قيامت (ڪڏهن) نه ايندي.

لَا تَاْتِيْنَا السَّاعَةُ ط قُلْ بَلٰى وَرَبِّيْ لَتَاْتِيَنَّكُمْ لا عٰلِمِ الْغَيْبِ ج

ڪانه ايندي اسان وٽ قيامت. چؤ هائو قسم آهي منهنجي رب جو ضرور ايندي توهان وٽ قسم عالم الغيب جو.

(ڪين) چئو ته، ها مون کي پنهنجي (انهيءَ) پالڻهار ڳجهه ڄاڻندڙ جو قسم آهي! ته اوهان وٽ ضرور ايندي.

لَا يَعْزُبُ عَنْهُ مِثْقَالُ ذَرَّةٍ فِي السَّمٰوٰتِ وَلَا فِي الْاَرْضِ وَ

نه ٿو غائب رهي انهي کان ذري جيترو آسمانن ۾ ۽ نه زمين ۾ ۽

جنهن کان ذري جيترو نڪي آسمانن ۾ نڪي زمين ۾ ڳجهو رهي ٿو ۽ ان کان تمام

لَآ اَصْغَرُ مِنْ ذٰلِكَ وَلَآ اَكْبَرُ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ٣ لا لِّيَجْزِيَ

نه ننڍو انهي کان ۽ نه وڏو مگر آهي ڪتاب پڌري ۾، جيئن بدلو ڏي

ننڍي (ڪا شيءِ اهڙي) ڪانهي ۽ نڪي تمام وڏي جا پڌري ڪتاب ۾ (لکيل) نه آهي. هن لاءِ ته

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ط اُولٰٓئِكَ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ

انهن کي جن ايمان آندو ۽ ڪم ڪيا چڱا. اهي آهن جن لاءِ آهي معافي ۽ رزق

جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي بدلو ڏئي. انهن لاءِ ئي بخشش ۽ عزت واري روزي آهي.

كَرِيْمٌ ٤ وَالَّذِيْنَ سَعَوْ فِيْٓ اٰيٰتِنَا مُعٰجِزِيْنَ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ

عزت وارو. ۽ جن ڪوشش ڪئي اسان جي آيتن ۾ مقابلي جي اهي آهن جن لاءِ آهي عذاب

۽ جيڪي اسان جي آيتن ۾ مقابلو ڪندڙ ٿي ڊوڙيا انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب جي سزا آهي.

مِّنْ رِّجْزٍ اَلِيْمٌ ٥ وَيَرَى الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ

گناهه جو دردناڪ. ۽ ڏسن ٿا اهي جن کي علم ڏنو ويو ته جيڪي نازل ڪيو ويو

۽ جن کي علم ڏنو ويو آهي، سي سمجهندا آهن ته جيڪو (قرآن) تنهنجي پالڻهار

اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ هُوَ الْحَقَّ ۙ وَيَهْدِيْٓ اِلٰى صِرَاطِ الْعَزِيْزِ الْحَمِيْدِ ۝٦

توڏانهن تنهنجي رب کان سو حق آهي ۽ اهو ڏيکاري ٿو رستو زبردست ساراهيل جو.

وٽان تو ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي، سو برحق آهي ۽ غالب ساراهيل (الله) جي واٽ ڏانهن رستو ڏيکاريندڙ آهي.

وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا هَلْ نَدُلُّكُمْ عَلٰى رَجُلٍ يُّنَبِّئُكُمْ اِذَا

۽ چيو ڪافرن ڇا ڏسيون توهان کي اهڙو ماڻهو جيڪو ٻڌائي ٿو توهان کي جڏهن

۽ ڪافر (هڪ ٻئي کي) چوندا آهن ته، اوهان کي اهڙو ماڻهو ڏسيون ڇا؟ جو اوهان کي ٻڌائي ته جڏهن

مُزِّقْتُمْ كُلَّ مُمَزَّقٍ ۙ اِنَّكُمْ لَفِيْ خَلْقٍ جَدِيْدٍ ۝٧ؕ اَفْتَرٰى

ذرا ذرا ٿيندؤ بلڪل ذرا، يقينن اوهين پيدائش نئين ۾ هوندؤ. ڇا ٺاهيو اٿس

(اوهين) ڳري صفا ذرا ذرا ٿيندؤ (تڏهن) بيشڪ اوهين نئين سر خلقيا ويندؤ. (انهيءَ) الله تي ڪوڙو ٺاهه ٺاهيو آهي

عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَمْ بِهٖ جِنَّةٌ ؕ بَلِ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ

الله تي ڪوڙ يا ان کي ڪو جنون آهي، پر جيڪي نه ٿا مڃين آخرت کي

يا کيس ڪا چريائي آهي (نه!) بلڪ جيڪي آخرت کي نه مڃيندا آهن، سي عذاب ۾ هوندا

فِي الْعَذَابِ وَالضَّلٰلِ الْبَعِيْدِ ۝٨ اَفَلَمْ يَرَوْا اِلٰى مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ

عذاب ۾ آهن ۽ گمراهي پرانهين ۾. ڇا نه ٿا ڏسن اهو جيڪي سندن اڳيان آهي

۽ (اهي) وڏي ڀُل ۾ آهن. جيڪي سندن اڳيان ۽ جيڪي سندن پويان آسمان ۽

وَمَا خَلْفَهُمْ مِّنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ ؕ اِنْ نَّشَاْ نَخْسِفْ بِهِمُ

۽ جيڪي سندن پٺيان آهي آسمان ۽ زمين، جيڪڏهن اسين گهرون ته گهرائي ڇڏيون کين

زمين مان (بڻايو ويو) آهي، سو (غور ڪري) نه ڏٺائون ڇا؟ جيڪڏهن گهرون ته کين زمين ۾ گهائي

الْاَرْضَ اَوْ نُسْقِطْ عَلَيْهِمْ كِسَفًا مِّنَ السَّمَآءِ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ

ڌرتي ۾ يا ڪيرايون انهن تي ڪو ٽڪرو آسمان کان، بيشڪ انهي ۾

ڇڏيون يا آسمان کان مٿن ٽڪرا ڪيرايون. بيشڪ اِن ۾ سڀ ڪنهن

لَاٰيَةً لِّكُلِّ عَبْدٍ مُّنِيْبٍ ۝٩ ع وَلَقَدْ اٰتَيْنَا دَاوٗدَ مِنَّا فَضْلًا ؕ ع ٩

نشاني آهي هر ٻانهي رجوع ڪندڙ لاءِ. ۽ بيشڪ ڏني سون داؤد کي پنهنجي طرفان بزرگي،

(الله ڏانهن) موٽندڙ ٻانهي لاءِ (وڏي) نشاني آهي. ۽ بيشڪ داؤد کي پاڻ وٽان بزرگي ڏني سون،

يٰجِبَالُ اَوِّبِيْ مَعَهٗ وَالطَّيْرَ ۚ وَاَلَنَّا لَهُ الْحَدِيْدَ ۝١٠ۙ اَنِ اعْمَلْ

اي جبلو! تسبيح پڙهو ان سان گڏجي ۽ پکي به، ۽ نرم ڪيوسون ان لاءِ لوهه کي. ته ٺاهه

(۽ حڪم ڪيوسون ته) اي جبلو! ساڻس تسبيحون چئو ۽ پکين کي (اُن جو فرمانبردار ڪيوسون) ۽ ان لاءِ لوهه کي نرم ڪيوسون. (حڪم ڏنوسون) ته

سٰبِغٰتٍ وَّقَدِّرْ فِی السَّرْدِ وَاعْمَلُوْا صَالِحًا ؕ اِنِّیْ بِمَا تَعْمَلُوْنَ

وڏيون زرهون ۽ ماپ ڪر ڪڙين جي ۽ ڪم ڪريو چڱا، بيشڪ آءٌ توهان جي ڪمن کي

ويڪريون زرهون ٺاهه ۽ اندازي سان ڪڙيون ناهه ۽ (اي دائود جي گهراڻي وارؤ!) چڱا ڪر ڪريو ڇو ته جيڪي (اوهين) ڪندا آهيو سو بيشڪ آءٌ

بَصِیْرٌ ﴿١١﴾ وَلِسُلَیْمٰنَ الرِّیْحَ غُدُوُّهَا شَهْرٌ وَّرَوَاحُهَا شَهْرٌ ۚ

ڏسندڙ آهيان. ۽ سليمان جي لاءِ هوا ان جي صبح جو پنڌ مهينو هو ۽ شام جو پنڌ مهينو.

ڏسندڙ آهيان. ۽ واءُ کي سليمان لاءِ (نوايوسون) ان جي اڳيازيءَ جي منزل مهيني جو پنڌ ۽ پوياڙيءَ جي منزل (بہ) مهيني جو پنڌ هئي.

وَاَسَلْنَا لَهٗ عَیْنَ الْقِطْرِ ؕ وَمِنَ الْجِنِّ مَنْ یَّعْمَلُ بَیْنَ یَدَیْهِ

۽ وهايوسون ان لاءِ چشمو پگهريل ٽامي جو، ۽ جنن مان ڪي ڪم ڪندا هئا ان جي آڏو

۽ ان لاءِ ٽامي جو چشمو وهايوسون ۽ جنن مان (بہ ڪن کي فرمانبردار ڪيوسون) جو سندس پالڻهار جي حڪم سان سندس اڳيان ڪمائيندا هئا

بِاِذْنِ رَبِّهٖ ؕ وَمَنْ یَّزِغْ مِنْهُمْ عَنْ اَمْرِنَا نُذِقْهُ مِنْ عَذَابِ

سندس رب جي حڪم سان، ۽ جيڪو ڦرندو هئو انهن مان اسان جي حڪم کان ته چکائيندا هئاسون انهي کي سزا

۽ منجهانئن جيڪو اسان جي حڪم کان مڙيو تنهن کي باهه جو عذاب چکائيندا اسون.

السَّعِیْرِ ﴿١٢﴾ یَعْمَلُوْنَ لَهٗ مَا یَشَآءُ مِنْ مَّحَارِیْبَ وَتَمَاثِیْلَ وَجِفَانٍ

باهه جي. ٺاهيندا هئا ان لاءِ جيڪي چاهيندو هئو تجرون ۽ مورتون ۽ پيالا

جيڪي گهرندو هو سو ان لاءِ ڪي قلعا ۽ مورتون ۽ حوضن جيڏا پيالا ۽ وڏيون ديڳيون،

كَالْجَوَابِ وَقُدُوْرٍ رّٰسِیٰتٍ ؕ اِعْمَلُوْۤا اٰلَ دَاوٗدَ شُكْرًا ؕ وَقَلِیْلٌ مِّنْ

جهڙا تلاءَ ۽ ديڳيون اڻ چرندڙ، ڪم ڪريو اي دائود جا گهروارا شڪر ڪندي، ۽ گهٽ آهن

جي نہ چرنديون هيون سي ٺاهيندا هئا (چيوسون تہ) اي دائود جا اولاد! شڪرانو ڪريو! ۽ منهنجن ٻانهن مان ٿورا

عِبَادِیَ الشَّكُوْرُ ﴿١٣﴾ فَلَمَّا قَضَیْنَا عَلَیْهِ الْمَوْتَ مَا دَلَّهُمْ عَلٰی

منهنجا ٻانها شڪرگذار. پوءِ جڏهن آندوسون انهي تي موت تہ نہ ڏسايو انهنکي سندس

شڪرانو ڪندڙ آهن. پوءِ جنهن مهل مٿس موت جي حڪم ڪيوسون (تنهن مهل) سندس موت تي

مَوْتِهٖۤ اِلَّا دَآبَّةُ الْاَرْضِ تَاْكُلُ مِنْسَاَتَهٗ ۚ فَلَمَّا خَرَّ تَبَیَّنَتِ

مرڻ جو مگر ڌرتيءَ جي جيت جو کائي پيو ان جي لٺ کي، پوءِ جڏهن ڪري پيو تہ چاتو

اڌيهيءَ کان سواءِ (ٻئي ڪنهن) انهن (جنن) کي نہ ڄاڻايو جو سندس لٺ کي ٿي کاڌائين، پوءِ جنهن مهل ڪريو (تنهن مهل)

الْجِنُّ اَنْ لَّوْ كَانُوْا یَعْلَمُوْنَ الْغَیْبَ مَا لَبِثُوْا فِی الْعَذَابِ

جنن پڪ جيڪڏهن ڄاڻن ها ڳجهہ تہ نہ رهن ها عذاب

جنن معلوم ڪيو تہ جيڪڏهن ڳجهہ ڄاڻن ها تہ خواريءَ واري عذاب ۾ نہ رهن ها.

الْمُهِيْنِ ﴿١٤﴾ لَقَدْ كَانَ لِسَبَاٍ فِيْ مَسْكَنِهِمْ اٰيَةٌ ۚ جَنَّتٰنِ عَنْ يَّمِيْنٍ

خوار ڪندڙ ۾. يقينن هئي سبا جي قوم لاءِ سندن رهڻ جي هنڌ نشاني، ٻه باغ ساڄي

بيشڪ سبا جي قوم لاءِ سندن ديسن ۾ (هڪ) نشاني هئي، (يعني) ٻه باغ ساڄي ۽ کاٻي پاسي

وَّ شِمَالٍ ؕ كُلُوْا مِنْ رِّزْقِ رَبِّكُمْ وَاشْكُرُوْا لَهٗ ؕ بَلْدَةٌ

۽ کاٻي ڪان، کائو رزق پنهنجي رب جو ۽ شڪر ڪريو ان جو، اهو ديس آهي

ڪان هئا (چيو وين ته) پنهنجي پالڻهار جي رزق مان کائو ۽ سندس شڪرانو ڪريو (اوهان لاءِ هيءُ) شهر

طَيِّبَةٌ وَّرَبٌّ غَفُوْرٌ ﴿١٥﴾ فَاَعْرَضُوْا فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ سَيْلَ الْعَرِمِ

سُٺو ۽ رب بخشڻهار. پوءِ منهن موڙيائون پوءِ موڪليسون انهن تي ٻوڏ عرم جي

سٺو آهي ۽ پالڻهار بخشڻهار آهي. پوءِ (شڪر ڪرڻ کان) منهن موڙيائون تنهن ڪري (بند ٻڌي) سخت ڇڙڪي مٿن وهايوسون

وَبَدَّلْنٰهُمْ بِجَنَّتَيْهِمْ جَنَّتَيْنِ ذَوَاتَيْ اُكُلٍ خَمْطٍ وَّاَثْلٍ وَّشَيْءٍ

۽ ڏناسون کين بدلي سندن ٻن باغن جي ٻه باغ ٻيا ٻئي ڪسارن ميون ۽ لئي . ۽ ڪجھ

۽ سندن (انهن) ٻن باغن جي بدلي کين (ٻيا) ٻه باغ ڦڪن ميون ۽ لئي وارا ۽ ڪجھ

مِّنْ سِدْرٍ قَلِيْلٍ ﴿١٦﴾ ذٰلِكَ جَزَيْنٰهُمْ بِمَا كَفَرُوْا ؕ وَهَلْ نُجٰزِيْ

ٻيرين وارا. اهو بدلو ڏنوسون انهن کي سندن بي شڪري جي ڪري، ۽ اسان سزا نه ڏيندا آهيون

ٿورين ٻيرين وارا ڏناسون. سندن بي شڪريءَ سببان کين اها سزا ڏني سون ۽ بي شڪر کان سواءِ (ٻئي) ڪنهن کي سزا نه

اِلَّا الْكَفُوْرَ ﴿١٧﴾ وَجَعَلْنَا بَيْنَهُمْ وَبَيْنَ الْقُرَى الَّتِيْ بٰرَكْنَا فِيْهَا

مگر بي شڪرن کي. ۽ ڪيا هئاسون انهن جي وچ ۾ ۽ انهن ڳوٺن جي وچ ۾ جن ۾ برڪت رکي هئي سون

ڏيندا آهيون. ۽ سندن وچ ۾ ۽ اهي ڳوٺ جن ۾ برڪت رکي سون تن جي وچ ۾ پڌرا ڳوٺ

قُرًى ظَاهِرَةً وَّقَدَّرْنَا فِيْهَا السَّيْرَ ؕ سِيْرُوْا فِيْهَا لَيَالِيَ وَاَيَّامًا

ٻيا ڳوٺ پڌرا ۽ مقرر ڪيون سون انهن ۾ منزلون، گهمو انهن ۾ راتيان ۽ ڏينهان

(لڳولڳ) ڪياسون ۽ انهن ۾ اچ وڃ جو پورو بندوبست رکيوسون (چيوسون ته) راتيان ۽ ڏينهان

اٰمِنِيْنَ ﴿١٨﴾ فَقَالُوْا رَبَّنَا بٰعِدْ بَيْنَ اَسْفَارِنَا وَظَلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ

بي خوف ٿي. پوءِ چيائون اي رب ڊگها ڪر اسان جا سفر ۽ ظلم ڪيائون پاڻ تي

منجهن بي پرا گهمندا رهو پوءِ چيائون ته، اي اسان جا پالڻهارا اسان جي مسافرين ۾ ڊورائي ڪر ۽ پاڻ تي ظلم ڪيائون

فَجَعَلْنٰهُمْ اَحَادِيْثَ وَمَزَّقْنٰهُمْ كُلَّ مُمَزَّقٍ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ

پوءِ ڪري ڇڏيوسون انهن کي آکاڻيون ۽ ڪيوسون انهن کي ٽڪرا ٽڪرا، بيشڪ انهي ۾ نشانيون آهن

تنهن ڪري انهن کي (ٻين جي لاءِ) آکاڻيون ڪيوسين ۽ کين تمام ذرا پرزا ڪري ڇڏيوسون. بيشڪ هن ۾

لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ ﴿١٩﴾ وَلَقَدْ صَدَّقَ عَلَيْهِمْ اِبْلِيْسُ ظَنَّهٗ

هر صبر ڪندڙ شڪر گذار لاءِ. ۽ سچي ڪري ڏيکاري انهن تي ابليس پنهنجي اٽڪل

سڀ ڪنهن وڏي صابر شاڪر لاءِ نشانيون آهن. ۽ بيشڪ ابليس انهن بہ نسبت پنهنجي گمان کي سچو لڌو

فَاتَّبَعُوْهُ اِلَّا فَرِيْقًا مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٢٠﴾ وَمَا كَانَ لَهٗ عَلَيْهِمْ

پوءِ پيروي ڪيائون ان جي سواءِ هڪ جماعت مومنن جي. ۽ نہ هئو ان جو انهن تي

جو مؤمنن جي هڪ ٽوليءَ کان سواءِ بين ان جي تابعداري ڪئي. ۽ ان جو مٿن ڪو زور نہ هو

مِّنْ سُلْطٰنٍ اِلَّا لِنَعْلَمَ مَنْ يُّؤْمِنُ بِالْاٰخِرَةِ مِمَّنْ هُوَ مِنْهَا

ڪو زور مگر جيئن اسان ڄاڻون ڪير تو ايمان آڻي آخرت تي ۽ ڪير آهي انهي کان

پر (اسين پرکيون) تہ جيڪو آخرت کي مڃيندو هجي، تنهن کي انهيءَ کان ڌار ڪريون، جيڪو ان کان شڪ ۾ (پيل) هجي

ع فِيْ شَكٍّ ؕ وَرَبُّكَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ حَفِيْظٌ ﴿٢١﴾ ع قُلِ ادْعُوا الَّذِيْنَ

شڪ ۾. ۽ تنهنجو رب هر شيءِ تي نگهبان آهي. چؤ سڏيو انهن کي جن کي

۽ تنهنجو پالڻهار سڀڪنهن شيءِ تي نگهبان آهي. (ڪين) چئو تہ الله کان سواءِ جن ۾ اوهين (خدائيءَ جي) گمان ڪندا آهيو

زَعَمْتُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۚ لَا يَمْلِكُوْنَ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ فِي السَّمٰوٰتِ

ڀانيو ٿا الله کان سواءِ اهي ناهن مالڪ ذري جيتري جا آسمانن ۾

تن کي سڏيو! اهي نڪي آسمانن ۾ ۽ نڪي زمين ۾ ذري جيترا (بہ) مالڪ آهن

وَلَا فِي الْاَرْضِ وَمَا لَهُمْ فِيْهِمَا مِنْ شِرْكٍ وَّمَا لَهٗ مِنْهُمْ

۽ نڪي زمين ۾ ۽ ناهي انهن جو پنهي ۾ ڪو ڀائيچارو ۽ نڪي ان جو انهن مان

۽ نڪي منجهن ڪا ڀائيواري آهي ۽ نڪي منجهانئن ڪو الله جو مددگار آهي.

مِّنْ ظَهِيْرٍ ﴿٢٢﴾ وَلَا تَنْفَعُ الشَّفَاعَةُ عِنْدَهٗٓ اِلَّا لِمَنْ اَذِنَ لَهٗ ؕ حَتّٰٓى

ڪوئي مددگار. ۽ نہ فائدو ڏيندي سفارش ان وٽ مگر جنهن لاءِ اجازت ڏني. آخر

نڪي وٽس (ٻئي ڪنهن جي) سفارش فائدو ڏيندي پر جنهن لاءِ اجازت ڏني هوندائين (فرشتا ڪنهن حڪم نازل ٿيڻ مهل گهبرائجي ويندا آهن) تان جو

اِذَا فُزِّعَ عَنْ قُلُوْبِهِمْ قَالُوْا مَاذَا ۙ قَالَ رَبُّكُمْ ؕ قَالُوا الْحَقَّ ۚ وَهُوَ

جڏهن گهٻراهٽ لهندو انهن جي دلين تان چوندا ڇا چيو توهان جي رب، چوندا حق چيائين، ۽ اهو ئي

جڏهن مهل سندن دلين کان پريشاني لهندي آهي (تنهن مهل) چوندا آهن تہ اوهان جي پالڻهار ڇا چيو آهي؟ (مٿيان هيٺين کي) چوندا آهن تہ سچ فرمايو اٿس ۽

الْعَلِيُّ الْكَبِيْرُ ﴿٢٣﴾ قُلْ مَنْ يَّرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ قُلِ

مٿاهون آهي وڏو آهي. چؤ ڪير روزي ڏئي ٿو توهان کي آسمانن ۽ زمين مان، چؤ

اهو (سڀ ڪان) مٿاهون وڏو آهي. (ڪين) چئو تہ، اوهان کي آسمانن ۽ زمين مان ڪير روزي ڏيندو آهي؟ چئو تہ

اللّٰهُ ۙ وَاِنَّآ اَوْ اِيَّاكُمْ لَعَلٰى هُدًى اَوْ فِىْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٢٤﴾ قُلْ

الله. ۽ بيشڪ اسان يا اوهان هدايت تي آهيون يا گمراهي پڌري ۾. چؤ

الله (ڏيندو آهي) ۽ بيشڪ اسين يا اوهين (يا ته) هدايت تي آهيون يا پڌريءَ گمراهيءَ ۾. چئو ته. جيڪي

لَّا تُسْـَٔلُوْنَ عَمَّآ اَجْرَمْنَا وَلَا نُسْـَٔلُ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٢٥﴾ قُلْ يَجْمَعُ

نه پڇاڻو ٿيندو اوهان کان اسان جي گناهن جو ۽ نه پڇا ٿيندي اسان کان توهان جي عملن جي. چؤ گڏ ڪندو

اسان ڏوه ڪيا آهن، تنهن بابت اوهين نه پڇيا ويندؤ ۽ جيڪي اوهين ڪندا آهيو، تنهن بابت اسين نه پڇيا ويندا سين. چئو ته.

بَيْنَنَا رَبُّنَا ثُمَّ يَفْتَحُ بَيْنَنَا بِالْحَقِّ ؕ وَهُوَ الْفَتَّاحُ الْعَلِيْمُ ﴿٢٦﴾ قُلْ

اسان سڀني کي اسان جو رب پوءِ فيصلو ڪندو اسان جي وچ ۾ حق سان. ۽ اهوئي فيصلو ڪندڙ ڄاڻندڙ آهي. چؤ

اسان جو پالڻهار اسان (مڙني) کي گڏ ڪندو وري اسان (۽ اوهان) جي وچ ۾ حق سان فيصلو ڪندو ۽ اهوئي (سچو) فيصلو ڪندڙ ڄاڻندڙ آهي. چئو ته.

اَرُوْنِىَ الَّذِيْنَ اَلْحَقْتُمْ بِهٖ شُرَكَآءَ كَلَّا ؕ بَلْ هُوَ اللّٰهُ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٢٧﴾

ڏيکاريو مون کي اهي جن کي ملايو اٿو انهي سان شريڪ بنائي، هرگز نه. بلڪ اهوئي الله زبردست حڪمت وارو آهي.

جن کي اوهان ساڻس شريڪ بڻائي ملايو آهي، سو مون کي ڏيکاريو؟ (چئو ته) اهڙيءَ طرح نه آهي. بلڪ اهو الله غالب حڪمت وارو آهي.

وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا كَآفَّةً لِّلنَّاسِ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَ

۽ نه موڪليوسون توکي مگر سڀني ماڻهن لاءِ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري پر گهڻا

۽ (اي پيغمبرا) توکي نه مڙني ماڻهن لاءِ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليوسون. پر گهڻا ماڻهو

النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٢٨﴾ وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ

ماڻهو نه ڄاڻن. ۽ چون ٿا ڪڏهين آهي اهو وعدو جيڪڏهن اوهين

نه ڄاڻندا آهن. ۽ چوندا آهن ته، جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته (قيامت جو) انجام ڪڏهن ٿيندو؟

صٰدِقِيْنَ ﴿٢٩﴾ قُلْ لَّكُمْ مِّيْعَادُ يَوْمٍ لَّا تَسْتَاْخِرُوْنَ عَنْهُ سَاعَةً

سچا آهيو. چؤ توهان سان وعدو آهي هڪ اهڙي ڏينهن جو نه دير ڪندؤ ان کان ڪا گهڙي

چئو ته، اوهان لاءِ اهڙي ڏينهن جو انجام آهي، جنهن کان هڪ گهڙي نڪي دير ڪندؤ

وَّلَا تَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿٣٠﴾ ع وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَنْ نُّؤْمِنَ بِهٰذَا الْقُرْاٰنِ النّصف ٢ع

۽ نه اڳي ٿيندؤ. ۽ چيو ڪافرن هرگز نه مڃينداسون هن قرآن کي

۽ نڪي اڳي ويندؤ. ۽ ڪافر چون ٿا ته، هن قرآن کي ڪڏهن نه مڃينداسون

وَلَا بِالَّذِىْ بَيْنَ يَدَيْهِ ؕ وَلَوْ تَرٰٓى اِذِ الظّٰلِمُوْنَ مَوْقُوْفُوْنَ

۽ نڪي ان کي جو انهي کان اڳي آهي. ۽ جيڪر تون ڏسين ها جڏهن اهي ظالم بيهاريا ويندا

۽ نڪي انهيءَ کي جيڪو کانئس اڳ آهي. ۽ (اي ڏسندڙ!) جڏهن ظالم پنهنجي پالڻهار جي اڳيان بيهاريا (تڏهن) جيڪڏهن

عِنۡدَ رَبِّهِمۡ ۖۚ يَرۡجِعُ بَعۡضُهُمۡ اِلٰى بَعۡضِ ۨالۡقَوۡلَ ۚ يَقُوۡلُ الَّذِيۡنَ
پنهنجي رب وٽ، هٽندا هڪ ٻئي تي ڳالھ، چوندا اهي جن کي
ڏسين (تہ عجب ڪرين) جو (پاڻ ۾) انهن مان هڪڙا ٻين ڏي ڳالھ ورائيندا. جيڪي هيٺا آهن
اسۡتُضۡعِفُوۡا لِلَّذِيۡنَ اسۡتَكۡبَرُوۡا لَوۡلَاۤ اَنۡتُمۡ لَكُنَّا مُؤۡمِنِيۡنَ ﴿٣١﴾ قَالَ
ڪمزور ڪيو ويو انهن کي جن تڪبر ڪيو جيڪڏهن نہ هجو ها توهان تہ اسان هجون ها ايمان وارا. چوندا آهن
سي هٺيلن کي چوندا تہ جيڪڏهن اوهين نہ هجو ها تہ اسين مومن هجون ها!
الَّذِيۡنَ اسۡتَكۡبَرُوۡا لِلَّذِيۡنَ اسۡتُضۡعِفُوۡۤا اَنَحۡنُ صَدَدۡنٰكُمۡ عَنِ الۡهُدٰى
جن هٺ ڪيو انهن کي جي ڪمزور ڪيا ويا هئا چا اسان جهليو هئو توهان کي هدايت کان
هٺيلا هيٺن کي چوندا تہ، جڏهن (هدايت) اوهان وٽ آئي تڏهن
بَعۡدَ اِذۡ جَآءَكُمۡ بَلۡ كُنۡتُمۡ مُّجۡرِمِيۡنَ ﴿٣٢﴾ وَ قَالَ الَّذِيۡنَ
هن کان پوءِ جڏهن آئي توهان وٽ پر توهان پاڻ ڏوهاري هئا. ۽ چوندا اهي جن کي
اسان اوهان کي هدايت کان جهليو هو چا؟ (نہ!) بلڪ اوهين پاڻ گهنگهار هيو. ۽ هيٺا هٺيلن کي چوندا
اسۡتُضۡعِفُوۡا لِلَّذِيۡنَ اسۡتَكۡبَرُوۡا بَلۡ مَكۡرُ الَّيۡلِ وَالنَّهَارِ اِذۡ تَاۡمُرُوۡنَنَاۤ
هيسايو ويو هئو، انهن مغرورن کي نہ پر مکر توهان جي رات ۽ ڏينهن واري جڏهن اوهان حڪم ڪندا هئا اسان کي
تہ (ائين نہ آهي) بلڪ رات ۽ ڏينهن جي (اوهان جي) فريب ڪرڻ (اسان کي جهليو هو) جڏهن اسان کي حڪم ڪندا هئو تہ
اَنۡ نَّكۡفُرَ بِاللّٰهِ وَنَجۡعَلَ لَهٗۤ اَنۡدَادًا ؕ وَاَسَرُّوا النَّدَامَةَ لَمَّا رَاَوُا
تہ انڪار ڪريون الله جو ۽ ڪريون انجا جوڙيوال، ۽ لڪائيندا پڇتاءَ کي جڏهن ڏسندا
الله سان ڪفر ڪريون ۽ ساڻس شريڪ ٺهرايون. ۽ جڏهن عذاب کي ڏسندا (تڏهن) پشيماني (دل ۾) لڪائيندا
الۡعَذَابَ ؕ وَجَعَلۡنَا الۡاَغۡلٰلَ فِىۡۤ اَعۡنَاقِ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا ؕ هَلۡ يُجۡزَوۡنَ
عذاب کي، ۽ وجهنداسون ڳٽ انهنجي ڳچين ۾ جن ڪفر ڪيو، نہ بدلو ڏنا ويندا
۽ ڪافرن جي ڳچين ۾ ڳٽ وجهنداسون. جيڪي ڪندا هيا تنهن کان سواءِ ٻئي جي سزا نہ ڏبن.
اِلَّا مَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿٣٣﴾ وَمَاۤ اَرۡسَلۡنَا فِىۡ قَرۡيَةٍ مِّنۡ نَّذِيۡرٍ اِلَّا
مگر جيڪي عمل ڪندا هئا. ۽ نہ موڪليوسون ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪوئي ڊيڄاريندڙ مگر
۽ ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪو ڊيڄاريندڙ نہ موڪليوسون، پر ان جي عياشين (ماڻهن) چيو تہ.
قَالَ مُتۡرَفُوۡهَاۤ ۙ اِنَّا بِمَاۤ اُرۡسِلۡتُمۡ بِهٖ كٰفِرُوۡنَ ﴿٣٤﴾ وَقَالُوۡا نَحۡنُ اَكۡثَرُ
چيو اتان جي آسودن تہ اسين توهان ڏي موڪليل پيغام کي نہ ٿا مڃون. ۽ چياٺون اسان گهڻا آهيون
بيشڪ جنهن شيءِ سان اوهين موڪليا ويا آهيو (تنهن کي) اسين نہ مڃيندڙ آهيون. ۽ چياٺون تہ. اسين گهڻي

اَمْوَالًا وَّاَوْلَادًا ۙ وَّمَا نَحْنُ بِمُعَذَّبِيْنَ ﴿٣٥﴾ قُلْ اِنَّ رَبِّيْ يَبْسُطُ

مال ۽ اولاد ۾ ۽ اسان نہ ٿيندا سون عذاب ڪيل. چؤ بيشڪ منهنجو رب ڪشادي ڪري ٿو

مال ۽ اولاد وارا آهيون ۽ اسان کي عذاب ٿيڻو نہ آهي. چئو تہ، منهنجو پالڻهار جنهن لاءِ گهري تنهن جي روزي ڪشادي ڪندو آهي

الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيَقْدِرُ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٦﴾ وَ

روزي جنهن جي چاهي ۽ پوري رکي ٿو پر گهڻا ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن. ۽

۽ (جنهن لاءِ گهري تنهن جي) تنگ ڪندو آهي، پر گهڻا ماڻهو نہ ڄاڻندا آهن. ۽ نڪي

مَآ اَمْوَالُكُمْ وَلَآ اَوْلَادُكُمْ بِالَّتِيْ تُقَرِّبُكُمْ عِنْدَنَا زُلْفٰٓى اِلَّا مَنْ

ناهي توهان جي ملڪيت ۽ نڪي اولاد اوهان جي اها شيءِ جا ويجهو ڪري اوهان کي اسان وٽ درجي ۾ مگر جن

اوهان جا مال ۽ نڪي اوهان جا اولاد اهڙي شيءِ آهن، جو اوهان کي اسان وٽ مرتبي جي ڪري ويجهو ڪن. پر

اٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا ۡ فَاُولٰٓئِكَ لَهُمْ جَزَآءُ الضِّعْفِ بِمَا عَمِلُوْا وَ

مڃيو ۽ ڪيا چڱا ڪم، پوءِ انهن لاءِ بدلو آهي ٻيڻو سندن عملن جي ڪري ۽

(ويجها اهي آهن) جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن جيڪي ڪمايو تنهن سببان انهن لاءِ ٻيڻو بدلو آهي ۽

هُمْ فِي الْغُرُفٰتِ اٰمِنُوْنَ ﴿٣٧﴾ وَالَّذِيْنَ يَسْعَوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِنَا مُعٰجِزِيْنَ

اهي ماڙين ۾ امن سان هوندا. ۽ جيڪي ڪوشش ڪن ٿا اسان جي آيتن ۾ مقابلي جي

اهي بي پروا وڏين ماڙين ۾ رهندا. ۽ جيڪي اسان جي آيتن (جي رد ڪرڻ) ۾ مقابلو ڪندڙ ٿي ڪوشش ڪندا آهن،

اُولٰٓئِكَ فِي الْعَذَابِ مُحْضَرُوْنَ ﴿٣٨﴾ قُلْ اِنَّ رَبِّيْ يَبْسُطُ الرِّزْقَ

اهي عذاب ۾ حاضر ڪيل هوندا. چئو بيشڪ منهنجو رب ڪشادو ڪري ٿو رزق کي

اهي عذاب ۾ حاضر ڪيا. چئو تہ، بيشڪ منهنجو پالڻهار پنهنجن ٻانهن مان جنهن لاءِ گهرندو آهي، تنهن جي روزي

لِمَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ وَيَقْدِرُ لَهٗ ؕ وَمَآ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ

جنهن لاءِ چاهي پنهنجي ٻانهن مان ۽ پورو ٿو ڏئي ان کي ۽ جيڪو خرچ ڪريو ٿا ڪجهہ

ڪشادي ڪندو آهي ۽ (جنهن لاءِ گهرندو آهي تنهن جي) تنگ ڪندو آهي ۽ جيڪي اوهين ڪجهہ خرچيندؤ

فَهُوَ يُخْلِفُهٗ ۚ وَهُوَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿٣٩﴾ وَيَوْمَ يَحْشُرُهُمْ جَمِيْعًا ثُمَّ

پوءِ ڏئي ٿو ان جو بدلو ۽ اهو آهي چڱو روزي ڏيندڙ. ۽ جنهن ڏينهن گڏ ڪندو انهن سڀني کي پوءِ

تنهن جو الله بدلو ڏيندو ۽ اهو چڱو روزي ڏيندڙ آهي. ۽ جنهن ڏينهن انهن مڙني کي گڏ ڪندو وري

يَقُوْلُ لِلْمَلٰٓئِكَةِ اَهٰٓؤُلَآءِ اِيَّاكُمْ كَانُوْا يَعْبُدُوْنَ ﴿٤٠﴾ قَالُوْا سُبْحٰنَكَ

چوندو ملائڪن کي ڇا اهي توهان جي عبادت ڪندا هئا؟ چوندا تون پاڪ آهين

ملائڪن کي چوندو تہ (هي) اهي آهن جا جيڪي اوهان کي پوڄيندا هئا؟ (ملائڪ) چوندا تہ تون

اَنۡتَ وَلِيُّنَا مِنۡ دُوۡنِهِمۡ ۚ بَلۡ كَانُوۡا يَعۡبُدُوۡنَ الۡجِنَّ ۚ اَكۡثَرُهُمۡ
تون ئي مالڪ آهين اسان جو نہ اهي، بلڪ اهي پوڄيندا هئا جنن کي، گهڻا انهن جا
پاڪ ذات آهين. اسان جو تون سائين آهين، نہ اهي، بلڪ اهي جنن کي پوڄيندا هئا. انهن مان گهڻا
بِهِمۡ مُّؤۡمِنُوۡنَ ﴿٤١﴾ فَالۡيَوۡمَ لَا يَمۡلِكُ بَعۡضُكُمۡ لِبَعۡضٍ نَّفۡعًا وَّلَا
انهن کي مڃيندڙ هئا. پوءِ اڄ نہ مالڪ ٿيندو توهان مان ڪو بہ ڪنهن لاءِ نفعي جو ۽ نہ ڪي
ڪين مڃيندڙ هئا. پوءِ اڄ اوهان مان ڪو بہ هڪ ٻئي کي نڪي سک پهچائڻ جو ۽ نڪي ڏک پهچائڻ جو اختيار
ضَرًّا ؕ وَنَقُوۡلُ لِلَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡا ذُوۡقُوۡا عَذَابَ النَّارِ الَّتِيۡ كُنۡتُمۡ بِهَا
نقصان جو، ۽ چونداسون ظالمن کي تہ چکو عذاب انهي باهہ جو جنهن کي توهان
رکي ٿو ۽ ظالمن کي چونداسون تہ ان باهہ جي سزا (جو مزو) چکو، جنهن کي اوهين ڪوڙ ڀائيندا هيو.
تُكَذِّبُوۡنَ ﴿٤٢﴾ وَاِذَا تُتۡلٰى عَلَيۡهِمۡ اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ قَالُوۡا مَا هٰذَاۤ اِلَّا
ڪوڙ چوندا هئا. ۽ جڏهن پڙهجن ٿيون مٿن آيتون اسان جون چٽيون چون ٿا ناهي اهو مگر
۽ جڏهن اسان جون پڌريون آيتون کين پڙهي ٻڌائيبيون آهن، تڏهن (هڪٻئي کي) چوندا آهن تہ هيءُ رڳو
رَجُلٌ يُّرِيۡدُ اَنۡ يَّصُدَّكُمۡ عَمَّا كَانَ يَعۡبُدُ اٰبَآؤُكُمۡ ۚ وَقَالُوۡا مَا هٰذَاۤ
هڪ ماڻهو گهري ٿو تہ جهلي اوهان کي ان کان جنهن جي پوڄا ڪندا هئا ابا ڏاڏا اوهان جا، ۽ چيائون ناهي اهو
هڪڙو ماڻهو آهي، جو جنهن کي اوهان جا پيءُ ڏاڏا پوڄيندا هئا، تنهن کان اوهان کي جهلڻ گهرندو آهي ۽ چوندا آهن تہ
اِلَّاۤ اِفۡكٌ مُّفۡتَرًى ؕ وَقَالَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لِلۡحَقِّ لَمَّا جَآءَهُمۡ ۙ اِنۡ
مگر ڪوڙ ٺاهيل، ۽ چيو ڪافرن حق لاءِ جڏهن آيو انهن وٽ، ناهي
هيءُ (قرآن) رڳو ڪوڙو ناهہ آهي ۽ ڪافرن وٽ جڏهن سچي ڳالهہ آئي (تڏهن) ان لاءِ چوندا آهن تہ
هٰذَاۤ اِلَّا سِحۡرٌ مُّبِيۡنٌ ﴿٤٣﴾ وَمَاۤ اٰتَيۡنٰهُمۡ مِّنۡ كُتُبٍ يَّدۡرُسُوۡنَهَا وَمَاۤ
اهو مگر جادو پڌرو. ۽ نہ ڏنا هئاسون انهن کي ڪي ڪتاب پڙهندا هجن جن کي ۽ نڪي
هيءُ رڳو پڌرو جادو آهي. حالانڪ انهن (مشرڪن) کي نڪي ڪو ڪتاب ڏنوسون جنهن کي پڙهن، ۽ نڪي
اَرۡسَلۡنَاۤ اِلَيۡهِمۡ قَبۡلَكَ مِنۡ نَّذِيۡرٍ ﴿٤٤﴾ؕ وَكَذَّبَ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ ۙ
موڪليو هئوسون انهن ڏانهن توکان اڳ ۾ ڪو بہ ڊيڄاريندڙ. ۽ ڪوڙو ڪيو هئو انهن کان اڳين پڻ،
توکان اڳ ڪو ڊيڄاريندڙ انهن ڏانهن موڪليوسون. ۽ کانئن اڳين بہ ڪوڙ ڄاتو هو. حالانڪ جيڪي انهن کي ڏنو هيوسون،
وَمَا بَلَغُوۡا مِعۡشَارَ مَاۤ اٰتَيۡنٰهُمۡ فَكَذَّبُوۡا رُسُلِيۡ ۚ فَكَيۡفَ كَانَ نَكِيۡرِ ﴿٤٥﴾ ع
۽ نہ پهتا ان جي ڏهين پتيءَ کي جيڪي ڏنوسون انهن کي پوءِ ڪوڙو ڪيائون منهنجي رسولن کي، پوءِ ڪيئن هئي منهنجي ڌمڪي؟
تنهن جي ڏهين پتيءَ کي بہ (اهي مشرڪ) نہ پهتا آهن، پوءِ انهن اسان جي پيغمبرن کي ڪوڙو ڀانيو، پوءِ منهنجو عذاب ڪيئن هو؟

قُلْ اِنَّمَآ اَعِظُكُمْ بِوَاحِدَةٍ ۚ اَنْ تَقُوْمُوْا لِلّٰهِ مَثْنٰى وَفُرَادٰى ثُمَّ

چؤ آءٌ رڳو سمجهايان ٿو توهان کي هڪ ڳالهه... ته اُٿو الله واسطي ٻه ٻه ۽ هڪ هڪ ٿي پوءِ

ڪين چئو ته اوهان کي رڳو هڪ ڳالهه جي نصيحت ڪريان ٿو ته ٻه ٻه ۽ هڪ هڪ ٿي الله (جي ڪم) لاءِ ڪڙا ٿيو وري

تَتَفَكَّرُوْا ۫ مَا بِصَاحِبِكُمْ مِّنْ جِنَّةٍ ۭ اِنْ هُوَ اِلَّا نَذِيْرٌ لَّكُمْ بَيْنَ

سوچ ڪريو. نه آهي توهان جي همراهه ۾ ڪو جنون، رڳو اهو ڊيڄاريندڙ آهي توهان کي

سوچيو (ته) اوهان جي سنگتيءَ کي ڪا چريائي نه آهي، (بلڪ) اهو ته سخت عذاب (جي پهچڻ) کان اڳ

يَدَيْ عَذَابٍ شَدِيْدٍ ﴿٤٦﴾ قُلْ مَا سَاَلْتُكُمْ مِّنْ اَجْرٍ فَهُوَ لَكُمْ ۭ

اڳ ۾ عذاب سخت کان. چئو جيڪو گهريو اٿم توهان کان اجورو سو نيبهه هجي توهان کي

اوهان کي ڊيڄاريندڙ آهي. (ڪين) چئو ته، اوهان کان ڪوئي اجورو گهريو هجيم سو اوهان کي ٿي هجي.

اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ ۚ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ ﴿٤٧﴾ قُلْ

ناهي اجورو منهنجو پر الله تي. ۽ اهو هر شيءِ تي شاهد آهي. چؤ

منهنجو اجورو الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن تي نه آهي ۽ اهو هر شيءِ تي شاهد آهي. (ڪين) چئو ته،

اِنَّ رَبِّيْ يَقْذِفُ بِالْحَقِّ ۚ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ ﴿٤٨﴾ قُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَمَا

بيشڪ منهنجو رب آڇي ٿو حق کي. ڄاڻندڙ آهي ڳجهين ڳالهين جو. چؤ آيو حق ۽ نه

بيشڪ منهنجو پالڻهار حق کي منهنجي دل ۾ وجهندو آهي، (اهو) ڳجهن جو ڄاڻندڙ آهي. (ڪين) چئو ته، حق آيو ۽ ڪوڙو

يُبْدِئُ الْبَاطِلُ وَمَا يُعِيْدُ ﴿٤٩﴾ قُلْ اِنْ ضَلَلْتُ فَاِنَّمَآ اَضِلُّ

تو پيدا ڪري باطل ڪنهين شيءِ کي ۽ نڪي موٽائيندو. چؤ جيڪڏهن آءٌ ٿڙيس ته رڳو ٿڙندس

(معبود) نڪي نئين سر پيدا ڪري ٿو ۽ نڪي ٻيهر پيدا ڪندو. (ڪين) چئو ته، جيڪڏهن گمراهه ٿيس ته رڳو پاڻ لاءِ گمراهه ٿيان ٿو

عَلٰى نَفْسِيْ ۚ وَاِنِ اهْتَدَيْتُ فَبِمَا يُوْحِيْٓ اِلَيَّ رَبِّيْ ۭ اِنَّهٗ سَمِيْعٌ

پاڻ تائين، ۽ جي رستو ورتم ته هن ڪري جو حڪم موڪلي ٿو مون ڏانهن رب منهنجو، اهو ٻڌندڙ

۽ جيڪڏهن هدايت وارو ٿيس ته (اها) انهيءَ سبب آهي جو منهنجو پالڻهار مون ڏانهن وحي موڪليندو آهي، بيشڪ اهو ٻڌندڙ

قَرِيْبٌ ﴿٥٠﴾ وَلَوْ تَرٰٓى اِذْ فَزِعُوْا فَلَا فَوْتَ وَاُخِذُوْا مِنْ مَّكَانٍ

ويجهو آهي. ۽ جيڪر ڏسين ها جڏهن گهٻرائيندا پوءِ نه هوندن ڀڄڻ ۽ پڪڙيا ويندا جاءِ

ويجهو آهي. ۽ جنهن مهل پريشان ٿيندا ۽ (الله جي عذاب کان) ڇوٽڪارو ڪونه لهندا ۽ ويجهي هنڌان پڪڙبا (تنهن مهل) جيڪڏهن ڏسين

قَرِيْبٍ ﴿٥١﴾ وَّقَالُوْٓا اٰمَنَّا بِهٖ ۚ وَاَنّٰى لَهُمُ التَّنَاوُشُ مِنْ مَّكَانٍ

ويجهڙي کان. ۽ چوندا ته ايمان آندوسون انهيءَ تي ۽ ڪٿان آهي انهن لاءِ هٿ اچڻ اهو جاءِ

(ته عجب ڪرين!) ۽ چوندا ته (هاڻي) اُن (قرآن) تي ايمان آندوسون ۽ (اُتي دنيا جي) پري واري هنڌ کان ڪين (ايمان)

بَعِيۡدٍۭ ﴿٥٢﴾ وَّقَدۡ كَفَرُوۡا بِهٖ مِنۡ قَبۡلُ ۚ وَيَقۡذِفُوۡنَ بِالۡغَيۡبِ مِنۡ

پرانهين کان. حالانڪ ڪفر ڪيائون ان جو اڳ ۾، ۽ ڇُٽين ٿا ان ڏٺي تي

ڪٿان هٿ ايندو؟ حالانڪ اڳي اُن قرآن کي نہ مڃيندا هئا ۽ پري واري هنڌ کان اڻ ڏٺو (گمان جا تير) اُڇليندا رهيا.

مَّكَانٍۭ بَعِيۡدٍ ﴿٥٣﴾ وَحِيۡلَ بَيۡنَهُمۡ وَبَيۡنَ مَا يَشۡتَهُوۡنَ كَمَا فُعِلَ

جاءِ ڏُورانهين کان. ۽ آڙو وڌي وئي انهن جي ۽ سندن خواهشن جي وچ ۾ جيئن ڪيو ويو

۽ انهن جي ۽ اُهي جيڪي سڌون ڪندا رهيا تن جي وچ ۾ آڙ وڌي ويئي، جهڙيءَ طرح

بِاَشۡيَاعِهِمۡ مِّنۡ قَبۡلُ ؕ اِنَّهُمۡ كَانُوۡا فِىۡ شَكٍّ مُّرِيۡبٍ ﴿٥٤﴾ ع

انهنجي طريقي وارن سان اڳي، بيشڪ اهي هئا شڪ پريشان ڪندڙ ۾.

انهن جهڙن (ٻين) سان اڳ ڪيو ويو، ڇو تہ اُهي بہ وڏي شڪ ۾ پيل هئا.

سُوۡرَةُ فَاطِرٍ مَّكِّيَّةٌ — بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ — اٰيَاتُهَا ٤٥ رُكُوۡعَاتُهَا ٥

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ جَاعِلِ الۡمَلٰٓئِكَةِ رُسُلًا

سڀ ساراهہ الله لاءِ آهي جو ٺاهيندڙ آسمانن ۽ زمين جو بڻائيندڙ ملائڪن کي قاصد

سڀ ساراهہ خاص الله کي جڳائي جو آسمانن ۽ زمين جو بڻائيندڙ آهي، ملائڪن کي قاصد ڪرڻ وارو آهي،

اُولِىۡۤ اَجۡنِحَةٍ مَّثۡنٰى وَثُلٰثَ وَرُبٰعَ ؕ يَزِيۡدُ فِى الۡخَلۡقِ مَا يَشَآءُ ؕ

جيڪي آهن ڪنيڙاتين ٻن ٻن ۽ ٽن ٽن ۽ چئن چئن وارا، وڌائي ٿو پيدائش ۾ جيڪي گهري ٿو.

جو ٻن ٻن ۽ ٽن ٽن ۽ چئن چئن پَرن وارا آهن، جيڪي گهري سو (سندن) خلقت ۾ وڌائي ٿو.

اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ ﴿١﴾ مَا يَفۡتَحِ اللّٰهُ لِلنَّاسِ مِنۡ رَّحۡمَةٍ

بيشڪ الله هر شيءِ تي سگهه رکندڙ آهي. جا بہ کولي ٿو الله ماڻهن لاءِ ڪجهہ رحمت

جو تہ الله هر شيءِ تي وس وارو آهي. الله ماڻهن لاءِ (پنهنجيءَ) ٻاجهہ مان جيڪي کوليندو

فَلَا مُمۡسِكَ لَهَا ۚ وَمَا يُمۡسِكۡ ۙ فَلَا مُرۡسِلَ لَهٗ مِنۡۢ بَعۡدِهٖ ؕ وَ

پوءِ ناهي ڪوبہ روڪيندڙ ان کي، ۽ جا روڪي ٿو تہ ناهي ڪوبہ موڪليندڙ انکي انهي کان پوءِ ۽

تنهن کي ڪو بند ڪرڻ وارو نہ آهي ۽ جيڪي بند ڪندو تنهن کي ان (جي بند ڪرڻ) کان پوءِ ڪو کولڻ وارو نہ

هُوَ الۡعَزِيۡزُ الۡحَكِيۡمُ ﴿٢﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اذۡكُرُوۡا نِعۡمَتَ اللّٰهِ عَلَيۡكُمۡ ؕ

اهو زبردست آهي حڪيم آهي. اي انسانو ياد ڪريو مهرباني الله جي پاڻ تي

آهي ۽ اهو غالب حڪمت وارو آهي. اي انسانو! پاڻ تي الله جون نعمتون ياد ڪيو.

هَلْ مِنْ خَالِقٍ غَيْرُ اللّٰهِ يَرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ ؕ

چا آهي كو ٿي پيدا كندڙ الله كان سواءِ جو رزق ڏئي اوهان كي آسمان ۽ زمين مان.

الله كان سواءِ كو خلقيندڙ آهي ڇا؟ جو آسمان ۽ زمين مان اوهان كي روزي ڏئي ٿو.

لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۖز فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ ﴿٣﴾ وَاِنْ يُّكَذِّبُوْكَ فَقَدْ كُذِّبَتْ

ناهي كو مالك مگر اهوئي، پوءِ كيڏانهن ٿا ڦيريا وڃو. ۽ جيكڏهن كوڙو كن توكي ته كوڙا كيا ويا هئا

ان (الله) كان سواءِ كو عبادت جو لائق نه آهي، پوءِ كيڏانهن ڦيرايا ويندا آهيو؟ ۽ (اي پيغمبر!) جيكڏهن توكي كوڙو ڀانئين

رُسُلٌ مِّنْ قَبْلِكَ ؕ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿٤﴾ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّ

رسول توكان اڳي به، ۽ طرف الله جي موٽايا وڃن ٿا سڀ كم. اي انسانو! بيشك

ته بيشك توكان اڳ (ٻيا كيترائي) پيغمبر كوڙا ڀانيا ويا ۽ سڀ كم الله ڏانهن موٽائجن ٿا. اي انسانو! بيشك

وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۥ وقفة وَلَا يَغُرَّنَّكُمْ بِاللّٰهِ

انجام الله جو سچو آهي پوءِ نه ٺوڳي ۾ وجهي توهان كي حياتي دنيا جي، ۽ نه ٺوڳي ۾ وجهي توهان كي الله سان

الله جو انجام سچو آهي، تنهن كري نكي اوهان كي دنيا جي حياتي ٺڳي ۽ نكي ٺڳيندڙ (شيطان) الله بابت اوهان كي ٺڳي.

الْغَرُوْرُ ﴿٥﴾ اِنَّ الشَّيْطٰنَ لَكُمْ عَدُوٌّ فَاتَّخِذُوْهُ عَدُوًّا ؕ اِنَّمَا يَدْعُوْا

ٺوڳيباز. بيشك شيطان توهان جو دشمن آهي پوءِ وٺو انهي كي دشمن كري، رڳو سڏيندو آهي

بيشك شيطان اوهان جو ويري آهي، تنهن كري ان كي ويري (كري) وٺو (هو) پنهنجيءَ ٽوليءَ كي رڳو هن لاءِ سڏيندو آهي

حِزْبَهٗ لِيَكُوْنُوْا مِنْ اَصْحٰبِ السَّعِيْرِ ﴿٦﴾ؕ اَلَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَهُمْ عَذَابٌ

پنهنجي ٽولي كي ته ٿين صاحب دوزخ جا. جن كفر كيو تن لاءِ عذاب

ته دوزخين مان ٿين. جن كفر كيو تن لاءِ سخت عذاب آهي

شَدِيْدٌ ۬ؕ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ

سخت آهي، ۽ جن ايمان آندو ۽ كيا كم چڱا انهن لاءِ معافي آهي ۽ ثواب

۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا كم كيا تن لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر آهي.

كَبِيْرٌ ﴿٧﴾ع اَفَمَنْ زُيِّنَ لَهٗ سُوْٓءُ عَمَلِهٖ فَرَاٰهُ حَسَنًا ؕ فَاِنَّ اللّٰهَ يُضِلُّ

وڏو. ڇا پوءِ سينگاريو ويو جنهن لاءِ ڇڏو كم ان جو پوءِ ڀانئي ٿو ان كي ڀلو، بيشك الله گمراهه كري ٿو

جنهن لاءِ سندس بڇڙو كم سينگاريو ويو پوءِ ان كي هن چڱو (كري) ڏٺو (سو چڱي كم كندڙ جهڙو هوندو) ڇا؟ پوءِ بيشك الله

مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ ۖز فَلَا تَذْهَبْ نَفْسُكَ عَلَيْهِمْ

جنهن كي وڻيس ۽ هدايت كري ٿو جنهن كي وڻيس، پوءِ نه وڃي سڙ تنهنجو انهن تي

جنهن كي گهرندو آهي، تنهن كي گمراهه كندو آهي ۽ جنهن كي گهرندو آهي، تنهن كي هدايت كندو آهي، تنهن كري مٿن ارمان كرڻ

حَسَرٰتٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِمَا يَصْنَعُوْنَ ﴿٨﴾ وَاللّٰهُ الَّذِيْٓ اَرْسَلَ

افسوس ڪندي، بيشڪ الله ڄاڻندڙ آهي جيڪي ڪن ٿا. ۽ الله اهو آهي جو موڪلي ٿو

سببان تنهنجو ساهه نه وڃي! ڇو ته جيڪي ڪندا آهن، سو الله ڄاڻندڙ آهي. ۽ الله اهو آهي، جنهن وائن کي موڪليو

الرِّيٰحَ فَتُثِيْرُ سَحَابًا فَسُقْنٰهُ اِلٰى بَلَدٍ مَّيِّتٍ فَاَحْيَيْنَا بِهِ

هوائن کي پوءِ اٿارين ٿيون ڪڪر کي پوءِ هلايون ٿا انهي کي شهر مئل ڏانهن پوءِ جيئرو ڪيون ٿا ان سان

پوءِ انهن ڪڪر کي ڪنيو، پوءِ ان (ڪڪر) کي ويران ڳوٺ ڏانهن روانو ڪيوسون، پوءِ اُن (جي پاڻيءَ) سان

الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ؕ كَذٰلِكَ النُّشُوْرُ ﴿٩﴾ مَنْ كَانَ يُرِيْدُ الْعِزَّةَ

ڌرتي کي ان جي مرڻ کان پوءِ، اهڙي طرح آهي جيئرو ٿي اٿڻ. جيڪو گهري ٿو عزت

زمين کي سندس ويرانيءَ کان پوءِ جياريوسون، اهڙيءَ طرح (قبرن مان) مُئلن جو اٿڻ آهي. جيڪو مانُ گهري (سو ياد رکي) ته

فَلِلّٰهِ الْعِزَّةُ جَمِيْعًا ؕ اِلَيْهِ يَصْعَدُ الْكَلِمُ الطَّيِّبُ وَالْعَمَلُ الصَّالِحُ

پوءِ الله جي آهي عزت سموري، انهي ڏانهن ئي چڙهندو آهي ڪلمو طيب ۽ ڪم چڱو مٿي ڪڻندو آهي

سڀ مانُ الله لاءِ ئي آهي (اُن وٽان عزت ملندي آهي). ڏانهس پاڪ سخن چڙهندو آهي ۽ ان (پاڪ سخن) کي چڱو عمل

يَرْفَعُهٗ ؕ وَالَّذِيْنَ يَمْكُرُوْنَ السَّيِّاٰتِ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌ ؕ وَ

ان کي، ۽ جيڪي رٿين ٿا برايون تن لاءِ عذاب سخت آهي، ۽

مٿي چاڙهيندو آهي ۽ جيڪي بڇڙائين جي رٿ ڪندا آهن تن لاءِ سخت عذاب آهي ۽

مَكْرُ اُولٰٓئِكَ هُوَ يَبُوْرُ ﴿١٠﴾ وَاللّٰهُ خَلَقَكُمْ مِّنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ

رٿ انهن جي اها تباهه ٿيندي. ۽ الله پيدا ڪيو توهان کي مٽي مان پوءِ قطري مان

اها رٿ انهن جي برباد ٿيندي. ۽ الله اوهان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو، وري نطفي مان (بڻايائين)

ثُمَّ جَعَلَكُمْ اَزْوَاجًا ؕ وَمَا تَحْمِلُ مِنْ اُنْثٰى وَلَا تَضَعُ اِلَّا بِعِلْمِهٖ ؕ

پوءِ ڪيائين توهان کي جوڙا، ۽ نه ٿي پيٽ سان ٿئي ڪا مادي ۽ نڪي ڄڻي ٿي ان جي علم کان سواءِ،

وري اوهان کي جوڙو جوڙو (مڙس ۽ زال) ڪيائين ۽ مادين مان ڪا به سندس علم کان سواءِ نه ڏُکي ٿيندي آهي ۽ نڪي ڄڻيندي آهي

وَمَا يُعَمَّرُ مِنْ مُّعَمَّرٍ وَّلَا يُنْقَصُ مِنْ عُمُرِهٖٓ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ ؕ اِنَّ

۽ نه ڄمار ڏني وڃي ٿي ڪنهن عمر واري کي ۽ نه گهٽائي وڃي ٿي ان جي عمر مگر اهو آهي ڪتاب ۾ بيشڪ

۽ نڪي ڪنهن وڏي عمر واري کي ڄمار ڏبي آهي ۽ نڪي سندس ڄمار مان (ڪجهه) گهٽائبو آهي، پر (اُهو) ڪتاب ۾ (لکيل) آهي. بيشڪ

ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرٌ ﴿١١﴾ وَمَا يَسْتَوِي الْبَحْرٰنِ ۖۗ هٰذَا عَذْبٌ فُرَاتٌ

اهو الله تي آسان آهي. ۽ ناهن برابر ٻه درياءَ هي مٺو اڃ لاهيندڙ

اهو (ڪم) الله تي آسان آهي. ۽ (اهي) ٻه درياءَ هڪجهڙا نه آهن، (جن مان) هيءُ هڪ مٺو اُڃ لاهيندڙ آهي،

سَآئِغٌ شَرَابُهٗ وَهٰذَا مِلْحٌ اُجَاجٌ ؕ وَمِنْ كُلٍّ تَاْكُلُوْنَ لَحْمًا طَرِيًّا
وٽندڙ آهي پاڻي انهي جو ۽ هي لوڻ کارو، ۽ هرهڪ مان کائو ٿا گوشت تازو
سندس پاڻي وٽندڙ آهي ۽ اهو (ٻيو) کارو ڪوڙو آهي ۽ هرهڪ مان (مڇيءَ جو) تازو گوشت کائيندا آهيو

وَّتَسْتَخْرِجُوْنَ حِلْيَةً تَلْبَسُوْنَهَا ۚ وَتَرَى الْفُلْكَ فِيْهِ مَوَاخِرَ
۽ ڪڍو ٿا ڳهه جيڪي پايو ٿا، ۽ ڏسين ٿو ٻيڙيون ان ۾ چيري هلندڙ
۽ زيور (يعني موتي منجهانئن) ڪڍندا آهيو جيڪي پائيندا آهيو ۽ منجهس (پاڻيءَ کي) چيريندڙ ٻيڙيون ڏسندو آهين.

لِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿١٢﴾ يُوْلِجُ الَّيْلَ فِى النَّهَارِ
جيئن تلاش ڪريو ان جو فضل ۽ مَن توهان شڪر ڪريو. وجهي ٿو رات کي ڏينهن ۾
(هن لاءِ) ته سندس فضل مان (روزي) طلب ڪريو ۽ مَنَ اوهين شڪرانو ڪريو. رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪندو آهي

وَيُوْلِجُ النَّهَارَ فِى الَّيْلِ ۙ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ ۖ كُلٌّ يَّجْرِىْ
۽ وجهي ٿو ڏينهن کي رات ۾ ۽ ڪم ۾ لڳايائين سج ۽ چنڊ کي، هرهڪ هلي ٿو
۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل ڪندو آهي ۽ سج ۽ چنڊ کي تابع ڪيائين، هرهڪ مقرر وقت تي هلندو آهي.

لِاَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ لَهُ الْمُلْكُ ؕ وَالَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ
وقت مقرر تائين، اهو اٿو الله پاليندڙ توهان جو انهي جي آهي بادشاهي، ۽ جن کي پڪاريو ٿا
اُهو الله اوهان جو پالڻهار آهي، اُن جي بادشاهي آهي ۽ جن کي الله کان سواءِ سڏيندا آهيو.

مِنْ دُوْنِهٖ مَا يَمْلِكُوْنَ مِنْ قِطْمِيْرٍ ؕ ﴿١٣﴾ اِنْ تَدْعُوْهُمْ لَا يَسْمَعُوْا
انهي کان سواءِ اهي نه ٿا مالڪ ٿين ڇلڪي جا. جي سڏيندؤ انهن کي ته نه ٻڌندا
سي کارڪ جي ڪکڙيءَ جي تند (جيتري ذري) جا (به) مالڪ نه آهن. جيڪڏهن کين سڏيو ته اوهان جو سڏ نه ٻڌندا آهن

دُعَآءَكُمْ ۚ وَلَوْ سَمِعُوْا مَا اسْتَجَابُوْا لَكُمْ ؕ وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ يَكْفُرُوْنَ
سڏ توهان جو. ۽ جيڪڏهن ٻڌن به نه جواب ڏيندا توهان کي، ۽ قيامت ڏينهن انڪار ڪندا
۽ جيڪڏهن (ڪٿي) ٻڌن (به) ته به اوهان کي ورندي نه ڏيندا ۽ قيامت جي ڏينهن اوهان جي شريڪ ٺهرائڻ جا

بِشِرْكِكُمْ ؕ وَلَا يُنَبِّئُكَ مِثْلُ خَبِيْرٍ ﴿١٤﴾ ع يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اَنْتُمُ الْفُقَرَآءُ
اوهان جي شرڪ جو ۽ نه خبر ڏيندو توکي ڪوئي مثل خبر رکندڙ جي. اي انسانو! اوهين محتاج آهيو
منڪر ٿيندا ۽ توکي خبر رکندڙ جهڙو ڪوبه خبر نه ڏيندو. اي انسانو! اوهين الله جا محتاج آهيو

اِلَى اللّٰهِ ۚ وَاللّٰهُ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿١٥﴾ اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ وَيَاْتِ بِخَلْقٍ
الله ڏانهن. ۽ الله ئي بي پرواهه ساراهيل آهي. جيڪڏهن چاهي ته نئي توهان کي ۽ آڻي مخلوق
۽ الله اهوئي بي پرواه ساراهيل آهي. جيڪڏهن گهري ته اوهان کي ناس ڪري ۽ نئين خلق پيدا ڪري.

جَدِيْدٍ ﴿١٦﴾ وَمَا ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ بِعَزِيْزٍ ﴿١٧﴾ وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ

نئين. ۽ ناهي اهو ڪم الله تي ڳرو. ۽ نہ کڻندو ڪو بار کڻندڙ بار

۽ اهو (ڪم) الله لاءِ ڏکيو نہ آهي. ۽ ڪوبہ بار کڻندڙ ٻئي جو بار نہ کڻندو ۽ جيڪڏهن (گناهن جي)

اُخْرٰى ؕ وَاِنْ تَدْعُ مُثْقَلَةٌ اِلٰى حِمْلِهَا لَا يُحْمَلْ مِنْهُ شَيْءٌ وَّلَوْ

ٻئي جو. ۽ جيڪڏهن سڏيندو ڪو بار وارو پنهنجي بار ڏانهن نہ کنيو ويندو ان مان ڪجھ بہ توڻي

ڳوري بار وارو پنهنجي بار کڻڻ ڏانهن ڪنهن کي سڏيندو، توڻيڪ مائٽيءَ وارو هوندو تہ بہ منجهانئس

كَانَ ذَا قُرْبٰى ؕ اِنَّمَا تُنْذِرُ الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَيْبِ وَاَقَامُوا

هجي مائٽي وارو. رڳو تون ڊيڄاريندين انهن کي جيڪي خوف رکن ٿا پنهنجي رب جو پرپٺ ۽ قائم ڪن ٿا

ڪجھ نہ کنيو ويندو. تون تہ انهن کي ڊيڄاري سگهندين، جيڪي پنهنجي پالڻهار کان پرپٺ ڊڄندا آهن ۽ نماز

الصَّلٰوةَ ؕ وَمَنْ تَزَكّٰى فَاِنَّمَا يَتَزَكّٰى لِنَفْسِهٖ ؕ وَاِلَى اللّٰهِ الْمَصِيْرُ ﴿١٨﴾

نماز. ۽ جيڪو پاڪائي رکندو پوءِ اهو پاڪائي رکي ٿو پنهنجي لاءِ. ۽ الله ڏانهن ئي موٽڻو آهي.

پڙهندا آهن ۽ جيڪو پاڪائي ڪري ٿو سو رڳو پاڻ لاءِ پاڪائي ڪري ٿو ۽ الله ڏانهن موٽڻو آهي.

وَمَا يَسْتَوِى الْاَعْمٰى وَالْبَصِيْرُ ﴿١٩﴾ وَلَا الظُّلُمٰتُ وَلَا النُّوْرُ ﴿٢٠﴾ وَ

نہ تو برابر ٿئي انڌو ۽ سڄو. ۽ نہ اونده ۽ نہ سوجهرو. ۽

۽ انڌو ۽ سڄو برابر نہ آهن. ۽ نڪي اونداهيون ۽ نڪي سوجهرو! ۽ نڪي ڇانوَ

لَا الظِّلُّ وَلَا الْحَرُوْرُ ﴿٢١﴾ وَمَا يَسْتَوِى الْاَحْيَآءُ وَلَا الْاَمْوَاتُ ؕ اِنَّ

نہ ڇانو ۽ نڪي اُس. ۽ ناهن برابر جيئرا ۽ نڪي مئل. بيشڪ

۽ نڪي اُس (پاڻ ۾ هڪ جهڙا آهن). ۽ نڪي جيئرا ۽ نڪي مُئل برابر ٿين ٿا. بيشڪ

اللّٰهَ يُسْمِعُ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَمَآ اَنْتَ بِمُسْمِعٍ مَّنْ فِى الْقُبُوْرِ ﴿٢٢﴾ اِنْ اَنْتَ

الله ٻڌائي ٿو جنهن کي گهري، ۽ نہ آهين تون ٻڌائيندڙ انهن کي جي قبرن ۾ آهن. ناهين تون

الله جنهن کي گهري تنهن کي ٻڌائيندو آهي ۽ تون کو قبرن وارن کي ٻڌائيندڙ نہ آهين. تون تہ رڳو ڊيڄاريندڙ

اِلَّا نَذِيْرٌ ﴿٢٣﴾ اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ بِالْحَقِّ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا ؕ وَاِنْ مِّنْ اُمَّةٍ

مگر ڊيڄاريندڙ. اسان توکي موڪليو آهي حق ڏيئي خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري، ۽ ناهي ڪا امت

آهين. بيشڪ اسان توکي سچي دين سان خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو ۽ اهڙي ڪا ٽولي آهي ئي ڪانہ

اِلَّا خَلَا فِيْهَا نَذِيْرٌ ﴿٢٤﴾ وَاِنْ يُّكَذِّبُوْكَ فَقَدْ كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ

مگر گذريو آهي ان ۾ ڊيڄاريندڙ. ۽ جيڪڏهن ڪوڙو ڪن ٿا توکي تہ پوءِ ڪوڙو ڪيو آهي انهن جيڪي

جنهن ۾ ڪو ڊيڄاريندڙ نہ گذريو آهي، ۽ جيڪڏهن توکي ڪوڙو ڀانئين ٿا تہ ڪانئڻ اڳين بہ بيشڪ ڪوڙو ڀانيو هو.

قَبْلِهِمْ ۚ جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ وَبِالزُّبُرِ وَبِالْكِتٰبِ الْمُنِيْرِ ﴿٢٥﴾ ثُمَّ
کانئن اڳي هئا. آيا هئا انهن وٽ سندن رسول معجزن سان ۽ صحيفن سان ۽ ڪتاب روشن سان. پوءِ
جن وٽ سندن پيغمبر چٽن معجزن سان ۽ صحيفن سان ۽ روشن ڪتابن سان آيا هئا. وري

اَخَذْتُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ ﴿٢٦﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ اَنْزَلَ ع ١٢ ١٥
مون پڪڙيو انهن کي جن ڪفر ڪيو پوءِ ڪيئن هئي سختي منهنجي چا نہ ڏٺو تو بيشڪ الله لاٿو
ڪافرن کي پڪڙيم، پوءِ منهنجي سزا ڪيئن هئي؟! نہ ڏٺو اٿئي ڇا تہ الله

مِنَ السَّمَآءِ مَآءً ۚ فَاَخْرَجْنَا بِهٖ ثَمَرٰتٍ مُّخْتَلِفًا اَلْوَانُهَا ۭ وَمِنَ
آسمان مان پاڻي، پوءِ ڪڍياسون ان سان ميوا جدا جدا رنگ انهن جا، ۽
آسمان کان پاڻي وسايو، پوءِ ان سان ميوا پيدا ڪياسون، جن جا رنگ قسمين قسمين آهن ۽ جبلن مان

الْجِبَالِ جُدَدٌۢ بِيْضٌ وَّحُمْرٌ مُّخْتَلِفٌ اَلْوَانُهَا وَغَرَابِيْبُ سُوْدٌ ﴿٢٧﴾
جبلن مان ڪي پٽا اڇا ۽ ڳاڙها جدا جدا رنگن وارا ۽ ڪي نيور ڪارا.
ڏارون آهن، ڪي اڇيون ۽ ڪي ڳاڙهيون انهن جا طرحين طرحين رنگ آهن ۽ ڪي نهايت ڪاريون (بہ) آهن.

وَمِنَ النَّاسِ وَالدَّوَآبِّ وَالْاَنْعَامِ مُخْتَلِفٌ اَلْوَانُهٗ كَذٰلِكَ ۭ
۽ ماڻهن ۽ جانورن ۽ چوپاين مان جدا جدا رنگ انهن جا اهڙي طرح،
۽ اهڙيءَ طرح ماڻهن ۽ چرندڙن (ساهدارن) ۽ ڍورن مان (بہ) جو انهن جا رنگ طرح طرح جا آهن. (بڻاياسين).

اِنَّمَا يَخْشَى اللّٰهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمٰۗؤُا ۭ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ غَفُوْرٌ ﴿٢٨﴾
رڳو ڊڄندا آهن الله کان سندن ٻانهن مان عالم، بيشڪ الله زبردست آهي بخشيندڙ آهي.
الله کان سندن ٻانهن مان رڳو علم وارا ڊڄندا آهن. بيشڪ الله غالب بخشڻهار آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ يَتْلُوْنَ كِتٰبَ اللّٰهِ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاَنْفَقُوْا مِمَّا
بيشڪ جيڪي ماڻهو پڙهن ٿا الله جو ڪتاب ۽ قائم ڪن ٿا نماز ۽ خرچين ٿا اسان جي
بيشڪ جيڪي (ماڻهو) الله جو ڪتاب پڙهندا آهن ۽ نماز (پوريءَ طرح) پڙهندا آهن ۽ جيڪي ڪين ڏنوسون

رَزَقْنٰهُمْ سِرًّا وَّعَلَانِيَةً يَّرْجُوْنَ تِجَارَةً لَّنْ تَبُوْرَ ﴿٢٩﴾ لِيُوَفِّيَهُمْ
ڏني مان لڪائي ۽ ظاهر ڪري اميد رکن ٿا اهڙي واپار جي جيڪو نہ ويندو لوٽ ۾. جيئن پورو ڪري ڏئي کين
تهن مان ڳجهو ۽ پڌرو خرچيندا آهن، سي اهڙي واپار جي اميد رکندا آهن، جو ڪڏهن (بہ) نہ برباد ٿيندو. (هن لاءِ) تہ الله کين سندن

اُجُوْرَهُمْ وَيَزِيْدَهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ۭ اِنَّهٗ غَفُوْرٌ شَكُوْرٌ ﴿٣٠﴾ وَالَّذِيْٓ
سندن ثواب ۽ وڌائي ڏئين فضل پنهنجي مان، اهو ئي بخشيندڙ شڪر قبوليندڙ آهي. ۽ جيڪو
اجر پورو ڏئي ۽ پنهنجي فضل سان کين وڌيڪ بہ ڏئي، جو تہ اهو بخشڻهار قدر ڄاڻندڙ آهي. ۽ جيڪي

أَوْحَيْنَآ إِلَيْكَ مِنَ الْكِتٰبِ هُوَ الْحَقُّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ ط

اسان موڪليو آهي توڏانهن ڪتاب اهوئي حق آهي بحال رکندڙ اڳين ڪتابن کي،

توڏانهن ڪتاب مان وحي ڪيوسون سو سچ آهي، جيڪي ڪانئس اڳ آهن، تن کي به سچو ڪندڙ آهي.

إِنَّ اللّٰهَ بِعِبَادِهٖ لَخَبِيْرٌۢ بَصِيْرٌ ﴿٣١﴾ ثُمَّ أَوْرَثْنَا الْكِتٰبَ الَّذِيْنَ

بيشڪ الله پنهنجي ٻانهن تي خبر رکندڙ ڏسندڙ آهي. پوءِ وارث ڪيوسون ڪتاب جو انهن کي جن کي

بيشڪ الله پنهنجن ٻانهن جي خبر رکندڙ ڏسندڙ آهي، وري انهن کي ڪتاب جو وارث ڪيوسون، جن کي

اصْطَفَيْنَا مِنْ عِبَادِنَا ج فَمِنْهُمْ ظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ ج وَمِنْهُمْ مُّقْتَصِدٌ ج

چونڊيوسون ٻانهن پنهنجن مان، پوءِ انهن مان ڪو نقصان ڪندڙ آهي پاڻ لاءِ، ۽ انهن مان ڪو وچٿرو آهي

پنهنجن ٻانهن مان چونڊيوسون، پوءِ منجهانئن ڪي پاڻ لاءِ ظالم آهن ۽ منجهانئن ڪي وچٿرا آهن

وَمِنْهُمْ سَابِقٌۢ بِالْخَيْرٰتِ بِإِذْنِ اللّٰهِ ط ذٰلِكَ هُوَ الْفَضْلُ الْكَبِيْرُ ﴿٣٢﴾ ط

۽ انهن مان ڪو اڳرو آهي ڀلاين ۾ حڪم الله جي سان، اهو آهي احسان وڏو.

۽ منجهانئن ڪي الله جي حڪم سان چڱائين ۾ اڳرائي ڪندڙ آهن. اهو ئي وڏو فضل آهي.

جَنّٰتُ عَدْنٍ يَّدْخُلُوْنَهَا يُحَلَّوْنَ فِيْهَا مِنْ أَسَاوِرَ مِنْ ذَهَبٍ وَّ

باغ رهڻ جا اهي داخل ٿيندا انهن ۾ پارايا ويندن اتي پٽا سون جا ۽

(انهن لاءِ) هميشه وارا باغ (آهن) جن ۾ (اهي) گهڙندا، منجهن سون جا ڪنگڻ ۽ موتي پهرائبن

لُؤْلُؤًا ج وَلِبَاسُهُمْ فِيْهَا حَرِيْرٌ ﴿٣٣﴾ وَقَالُوا الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْٓ أَذْهَبَ

موتي، ۽ پوشاڪ انهن جي اتي آهي ريشم. ۽ چوندا شڪر الله جو جنهن نيو

۽ انهن ۾ سندن لباس پٽ هوندو. ۽ چوندا ته، سڀ ساراه انهيءَ الله کي جڳائي، جنهن اسان کان (سڀ)

عَنَّا الْحَزَنَ ط إِنَّ رَبَّنَا لَغَفُوْرٌ شَكُوْرُ ۨ لا ﴿٣٤﴾ الَّذِيْٓ أَحَلَّنَا دَارَ الْمُقَامَةِ

اسان کان ڏک، بيشڪ رب اسان جو بخشڻهار قدردان آهي، اهو جنهن لاٿو اسان کي سدا رهڻ واري گهر ۾

ڏک ٽاريا. بيشڪ اسان جو پالڻهار بخشڻهار قدر ڄاڻندڙ آهي. جنهن اسان کي پنهنجي فضل سان سدائين رهڻ

مِنْ فَضْلِهٖ ج لَا يَمَسُّنَا فِيْهَا نَصَبٌ وَّلَا يَمَسُّنَا فِيْهَا لُغُوْبٌ ﴿٣٥﴾

پنهنجي مهرباني سان، نه پهچي ٿي اسان کي اتي ڪا تڪليف ۽ نه پهچي ٿي اسان کي اتي مونجهه.

واري هنڌ لاٿو نڪي اسان کي منجهس ڪو ڏک پهچندو ۽ نڪي اسان کي منجهس ڪو ٿڪ پهچندو.

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَهُمْ نَارُ جَهَنَّمَ ج لَا يُقْضٰى عَلَيْهِمْ فَيَمُوْتُوْا وَ

۽ جن ڪفر ڪيو تن لاءِ آهي باهه دوزخ جي، نه حڪم ڪيو ويندو مٿانئن ته مرن ۽

۽ جن ڪفر ڪيو تن لاءِ دوزخ جي باهه آهي، نڪي مٿن حڪم ڪبو ته مرن ۽ نڪي ڪانئن

لَا يُخَفَّفُ عَنْهُمْ مِّنْ عَذَابِهَا ۭ كَذٰلِكَ نَجْزِيْ كُلَّ كَفُوْرٍ ﴿٣٦﴾ ۚ وَهُمْ

نہ هلڪو ٿيندو انهن کان عذاب اُن جو، اهڙيءَ طرح سزا ڏيندا آهيون هر بي شڪر کي. ۽ اهي

انجي عذاب مان ڪجهه هلڪو ڪبو. سڀ ڪنهن بي شڪر کي اهڙيءَ طرح سزا ڏيندا آهيون. ۽ اُهي (دوزخي) منجهس

يَصْطَرِخُوْنَ فِيْهَا ۚ رَبَّنَآ اَخْرِجْنَا نَعْمَلْ صَالِحًا غَيْرَ الَّذِيْ كُنَّا

رڙيون ڪندا ان ۾، اي رب اسان جا ڪڍ اسان کي تہ عمل ڪريون چڱا نہ اهي جيڪي

دانهون ڪندا تہ. اي اسان جا پالڻهار! اسان کي ڪڍ تہ جيڪي ڪم ڪندا هئاسون، تن ڌاران ٻيا چڱا ڪم ڪريون.

نَعْمَلُ ۭ اَوَلَمْ نُعَمِّرْكُمْ مَّا يَتَذَكَّرُ فِيْهِ مَنْ تَذَكَّرَ وَجَآءَكُمُ النَّذِيْرُ ۭ

ڪندا هئاسون. ڇا نہ عمر ڏني هئي سون توهان کي ايتري جو سمجهي ان ۾ جيڪو سمجهي ۽ آيو توهان وٽ ڊيڄاريندڙ.

(چيو ويندن تہ) اوهان کي ايتري ڄمار نہ ڏني هئي سون ڇا؟ تہ، جيڪو نصيحت وٺڻ گهري ها سو منجهس نصيحت وٺي سگهي ها ۽ اوهان

فَذُوْقُوْا فَمَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ نَّصِيْرٍ ﴿٣٧﴾ اِنَّ اللّٰهَ عٰلِمُ غَيْبِ السَّمٰوٰتِ ع ۱۱

پوءِ چکو جو ناهي ظالمن لاءِ ڪوئي مددگار. بيشڪ الله ڄاڻندڙ آهي ڳجهہ آسمانن

وٽ ڊيڄاريندڙ (بہ) آيو. تنهن ڪري (پنهنجيءَ ڪمائيءَ جو مزو) چکو. ڇو تہ ظالمن جو ڪو مددگار نہ آهي. بيشڪ الله آسمانن ۽ زمين

وَالْاَرْضِ ۭ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿٣٨﴾ هُوَ الَّذِيْ جَعَلَكُمْ

۽ زمين جو، اهوئي ڄاڻندڙ آهي راز سينن جي کي. اهو آهي جنهن ڪيو توهان کي

جو ڳجهہ ڄاڻندڙ آهي، بيشڪ اُهو سينن وارو (ڳجهہ بہ) ڄاڻندڙ آهي. (الله) اُهو آهي، جنهن اوهان کي زمين ۾

خَلٰٓئِفَ فِي الْاَرْضِ ۭ فَمَنْ كَفَرَ فَعَلَيْهِ كُفْرُهٗ ۭ وَلَا يَزِيْدُ الْكٰفِرِيْنَ

جاءِ نشين زمين ۾، پوءِ جيڪو ڪفر ڪندو تہ ان تي آهي ڪفر انهيءَ جو، ۽ نہ وڌائيندو ڪافرن تي

(اڳين جو) پيڙهيءَ وارو ڪيو پوءِ جيڪو ڪفر ڪندو، تنهن تي سندس ڪفر (جو نقصان) آهي ۽ نڪي ڪافرن لاءِ سندن ڪفر

كُفْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ اِلَّا مَقْتًا ۚ وَلَا يَزِيْدُ الْكٰفِرِيْنَ كُفْرُهُمْ اِلَّا

ڪفر انهن جو سندن رب وٽ مگر ڏمر کي ۽ نہ وڌائيندو ڪافرن تي سندن ڪفر مگر

سندن پالڻهار وٽ ڏمر کان سواءِ (ٻيو ڪجهہ) وڌائيندو ۽ نڪي ڪافرن لاءِ سندن ڪفر نقصان کان سواءِ (ٻيو ڪجهہ) وڌائيندو.

خَسَارًا ﴿٣٩﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ شُرَكَآءَكُمُ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۭ

نقصان کي. چؤ ڇا ڏٺا اٿوَ شريڪ پنهنجا جن کي پڪاريو ٿا سواءِ الله جي،

(ڪين) چئو تہ، الله کان سواءِ جن پنهنجن (ٺهرايلن) ٻتن کي سڏيندا آهيو، سي ڏٺا اٿو ڇا؟

اَرُوْنِيْ مَاذَا خَلَقُوْا مِنَ الْاَرْضِ اَمْ لَهُمْ شِرْكٌ فِي السَّمٰوٰتِ ۚ اَمْ

ڏيکاريو مون کي ڇا خلقيو اٿن زمين ۾ يا انهن جو ڀائيچارو آهي آسمانن ۾، يا

مون کي ڏيکاريو تہ زمين مان ڇا بڻايو اٿن؟ يا آسمانن ۾ سندن ڪا ڀائيواري آهي ڇا؟ يا

اٰتَيْنٰهُمْ كِتٰبًا فَهُمْ عَلٰى بَيِّنَتٍ مِّنْهُ ۚ بَلْ اِنْ يَّعِدُ الظّٰلِمُوْنَ

ڏنو اٿئون انهن کي ڪتاب پوءِ اهي آهن ان جي حوالي تي، پر نہ ٿا ڪن وعدو ظالم

ڪين ڪو ڪتاب ڏنو اٿون ڇا؟ جو اهي ان جي پڌريءَ حجت تي آهن؟ (نہ!) بلڪ ظالم هڪ ٻئي کي رڳو

بَعْضُهُمْ بَعْضًا اِلَّا غُرُوْرًا ﴿٤٠﴾ اِنَّ اللّٰهَ يُمْسِكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ اَنْ تَزُوْلَا ۚ

هڪ ٻئي سان مگر ڏوکي جو. بيشڪ الله جهلي بيٺو آهي آسمانن ۽ زمين کي ٽڙي وڃڻ کان.

ٺڳيءَ جو انجام ڏيندا آهن. بيشڪ، الله آسمانن ۽ زمين کي ٽرڻ کان نگاه (۾) رکندو آهي

وَلَئِنْ زَالَتَآ اِنْ اَمْسَكَهُمَا مِنْ اَحَدٍ مِّنْ بَعْدِهٖ ؕ اِنَّهٗ كَانَ حَلِيْمًا

۽ جي ٽڙي ويا تہ نہ جهلي سگهندو انهن کي ڪوئي ان کان پوءِ، يقينن اهو آهي بردبار

۽ جيڪڏهن ٽڙيا تہ الله کان پوءِ انهن کي ڪو بہ روڪي نہ سگهندو. بيشڪ اهو بردبار

غَفُوْرًا ﴿٤١﴾ وَاَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ لَئِنْ جَآءَهُمْ نَذِيْرٌ

بخشڻهار. ۽ قسم کنيائون الله جا پڪا قسم تہ جيڪڏهن آيو انهن وٽ ڪو ڊيڄاريندڙ

بخشڻهار آهي. ۽ انهن پنهنجن پڪن قسمن سان الله جو قسم کنيو تہ جيڪڏهن وٽن ڪو بہ ڊيڄاريندڙ آيو تہ

لَّيَكُوْنُنَّ اَهْدٰى مِنْ اِحْدَى الْاُمَمِ ۚ فَلَمَّا جَآءَهُمْ نَذِيْرٌ مَّا زَادَهُمْ

ضرور ٿيندا وڌيڪ هدايت وارا هرهڪ امت کان، پوءِ جڏهن آيو انهن وٽ ڊيڄاريندڙ، نہ وڌايائين انهن لاءِ

هرهڪ امت کان وڌيڪ هدايت وارا ٿيندا، پوءِ جنهن مهل ڊيڄاريندڙ وٽن آيو (تنهن مهل ان جي اچڻ)

اِلَّا نُفُوْرًا ﴿٤٢﴾ اِسْتِكْبَارًا فِى الْاَرْضِ وَمَكْرَ السَّيِّئِ ؕ وَلَا يَحِيْقُ الْمَكْرُ

مگر نفرت کي، مغروري جي ڪري ملڪ ۾ ۽ رٿ بڇڙي کي، ۽ نہ وٺ ڪندي رٿ

مگر سندن نفرت وڌائي. ملڪ ۾ وڏائي ڪرڻ ۽ بڇڙيءَ رٿ رٿڻ سبب (نفرت ڪيائون) ۽ بڇڙيءَ رٿ رٿڻ (جو نتيجو)

السَّيِّئُ اِلَّا بِاَهْلِهٖ ؕ فَهَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا سُنَّتَ الْاَوَّلِيْنَ ۚ فَلَنْ تَجِدَ

بڇڙي مگر رٿيندڙن کي، پوءِ ڇا اهي انتظار ڪن ٿا رڳو ڪارروائي اڳين واريءَ جو. پوءِ هرگز نہ لهندين

ان جي حلت ڪرڻ وارن کان سواءِ ٻئي تي نہ پوندو آهي، تنهن ڪري رڳو اڳين جي (عذاب جي) دستور جا منتظر آهن. پوءِ (تون)

لِسُنَّتِ اللّٰهِ تَبْدِيْلًا ۚ وَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّتِ اللّٰهِ تَحْوِيْلًا ﴿٤٣﴾ اَوَلَمْ يَسِيْرُوْا

طريقہ ڪار الله جي ۾ ڪا تبديلي، ۽ هرگز نہ لهندين الله جي دستور ۾ ڪو ڦيرو. ڇا نہ گهميا آهن

ڪڏهن الله جي دستور کي ڪا مٽ سٽ نہ ڏسندين ۽ (تون) الله جي دستور کي ڪڏهن ڪا ڦيرگهير نہ ڏسندين. زمين ۾ نہ

فِى الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ وَكَانُوْٓا

زمين ۾ پوءِ ڏسن ها تہ ڪيئن ٿي پڇاڙي انهن جي جيڪي انهن کان اڳ هئا ۽ هئا اهي

گهميا آهن ڇا؟ جو ڏسن تہ جيڪي ڪانئن اڳ هئا تن جي پڇاڙي ڪهڙي ٿي! ۽ اهي

اَشَدَّ مِنْهُمْ قُوَّةً ؕ وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعْجِزَهٗ مِنْ شَيْءٍ فِي السَّمٰوٰتِ

ڏاڍا انھن کان طاقت ۾. ۽ الله اھڙو نہ آھي جو عاجز ڪري ڪيس ڪا شيءِ آسمانن ۾

ڪانئن سگھ ۾ تمام ڏاڍا ھئا ۽ الله اھڙو نہ آھي؟ جو ڪيس آسمانن ۾ ڪا بہ شيءِ ٿڪائي ۽ نڪي زمين

وَلَا فِي الْاَرْضِ ؕ اِنَّهٗ كَانَ عَلِيْمًا قَدِيْرًا ﴿٤٤﴾ وَلَوْ يُؤَاخِذُ اللّٰهُ النَّاسَ

۽ نڪي زمين ۾. بيشڪ اھو ڄاڻندڙ آھي سگھہ رکندڙ آھي. ۽ جيڪڏھن پڪڙي ھا الله ماڻھن کي

۾ (ٿڪائي) بيشڪ اھو ڄاڻندڙ وس وارو آھي. ۽ جيڪڏھن الله ماڻھن کي سندن ڪرتوتن سببان پڪڙي ھا

بِمَا كَسَبُوْا مَا تَرَكَ عَلٰى ظَهْرِهَا مِنْ دَآبَّةٍ وَّلٰكِنْ يُّؤَخِّرُهُمْ اِلٰٓى اَجَلٍ

سندن ڪئي سبب تہ نہ ڇڏي ھا ڌرتي جي پٺي تي ڪوئي چرندڙ پر ڍر ڏئي ٿو انھن کي وقت

تہ ڪو چرندڙ زمين جي پٺيءَ تي نہ ڇڏي ھا، پر طئي ٿيل مدت تائين کين مھلت ڏئي ٿو

مُّسَمًّى ۚ فَاِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِعِبَادِهٖ بَصِيْرًا ﴿٤٥﴾ ع

مقرر تائين. پوءِ جڏھن ايندو وقت انھن جو پوءِ بيشڪ الله آھي پنھنجي ٻانھن تي نگاھہ رکندڙ.

جڏھن سندن مدت آئي تڏھن بيشڪ الله پنھنجن ٻانھن کي ڏسندڙ آھي.

سُوْرَةُ يٰسٓ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٨٣ رُكُوْعَاتُهَا ٥

شروع الله ٻاجھاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجھاري مهربان جي نالي سان (شروع)

يٰسٓ ﴿١﴾ وَالْقُرْاٰنِ الْحَكِيْمِ ﴿٢﴾ اِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٣﴾

يٰس. قسم آھي قرآن حڪمت واري جو. تہ يقينن تون رسولن مان آھين.

اي پيغمبر! (ھن) حڪمت واري قرآن جو قسم آھي. بيشڪ تون پيغمبرن مان آھين.

عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٤﴾ تَنْزِيْلَ الْعَزِيْزِ الرَّحِيْمِ ﴿٥﴾ لِتُنْذِرَ قَوْمًا

رستي سڌي تي آھين. نازل ڪيل زبردست رحم واري جو. جيئن ڊيڄارين ان قوم کي

سڌيءَ واٽ تي. (الله) غالب مهربان وٽان (قرآن جو) لاھڻ آھي. (ھن لاءِ) تہ اھڙيءَ قوم کي ڊيڄارين

مَّآ اُنْذِرَ اٰبَآؤُهُمْ فَهُمْ غٰفِلُوْنَ ﴿٦﴾ لَقَدْ حَقَّ الْقَوْلُ

جو نہ ڊيڄاريا ويا ابا ڏاڏا انھن جا پوءِ اھي بي خبر آھن. بيشڪ ثابت ٿيو ٻول

جو سندن پيءُ ڏاڏا نہ ڊيڄاريا ويا آھن، تنھن ڪري اھي بي خبر آھن. بيشڪ انھن مان گھڻن تي

عَلٰٓى اَكْثَرِهِمْ فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٧﴾ اِنَّا جَعَلْنَا فِيْٓ اَعْنَاقِهِمْ

انھن مان گھڻن تي پوءِ اھي نہ ايمان آڻيندا. بيشڪ ڪياسون ڳچين انھن جي ۾

(عذاب جو) قول لازم ٿيو آھي، تنھن ڪري اھي ايمان نہ ٿا آڻين. بيشڪ اسان سندين ڳچين ۾

اَغْلٰلًا فَهِيَ اِلَى الْاَذْقَانِ فَهُمْ مُّقْمَحُوْنَ ﴿٨﴾ وَجَعَلْنَا مِنْۢ

ڳٽ پوءِ اهي ڪاڏين تائين هوندن پوءِ اهي ڳاٽي ٽنگيل ٿيندا. ۽ ڪنداسون

ڳٽ وڌا، پوءِ اهي ڪاڏين تائين (پيل) اٿن، تنهن ڪري اهي ڳاٽي ٽنگيل آهن. ۽

بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ سَدًّا وَّمِنْ خَلْفِهِمْ سَدًّا فَاَغْشَيْنٰهُمْ

انهن جي آڏو بند ۽ انهن جي پويان بندُ پوءِ ڪين ڍڪينداسون

سندن اڳيان اوٽ ۽ سندن پوئتان (بہ) اوٽ ڪئي سون، پوءِ کين ڍڪيوسون، تنهن ڪري

فَهُمْ لَا يُبْصِرُوْنَ ﴿٩﴾ وَسَوَآءٌ عَلَيْهِمْ ءَاَنْذَرْتَهُمْ اَمْ لَمْ

پوءِ اهي نہ ڏسندا. ۽ برابر آهي انهن لاءِ جو تون ڊيڄارين انهن کي يا نہ

اهي (ڪجهه) نہ ڏسندا. ۽ کين تنهنجو ڊيڄارڻ ۽ کين تنهنجو نہ ڊيڄارڻ سندن لاءِ هڪ جهڙو آهي.

تُنْذِرْهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٠﴾ اِنَّمَا تُنْذِرُ مَنِ اتَّبَعَ الذِّكْرَ وَخَشِيَ

ڊيڄارين اهي ڪونہ مڃيندا. تون رڳو ان کي ڊيڄاريندين جيڪو هليو سمجهاڻي تي ۽ ڊنو

(اهي) ايمان نہ آڻيندا. تون رڳو ان کي ڊيڄاريندين جيڪو نصيحت تي هلي ۽ ٻاجهاري (الله) کان

الرَّحْمٰنَ بِالْغَيْبِ ۚ فَبَشِّرْهُ بِمَغْفِرَةٍ وَّاَجْرٍ كَرِيْمٍ ﴿١١﴾ اِنَّا نَحْنُ

الله کان پرپٺ پوءِ مبارڪ ڏي انکي بخشش جي ۽ اجر عزت واري جي. بيشڪ اسين

ريٺ ڊڄي، تہ پوءِ اُن کي بخشش ۽ سڳوري اجر جي خوشخبري ڏي. بيشڪ، اسين مُئلن کي جياريندا آهيون

نُحْيِ الْمَوْتٰى وَنَكْتُبُ مَا قَدَّمُوْا وَاٰثَارَهُمْ ؕ وَكُلَّ شَيْءٍ اَحْصَيْنٰهُ

جيئرو ڪيون ٿا مئلن کي ۽ لکون ٿا جيڪي اڳي موڪليائون ۽ سندن نشانن کي. ۽ هر شيءِ کي ڳڻي رکيو آهي اسان.

۽ جيڪي (مدا توڙي چڱا ڪم ڪري) اڳي موڪليائون سي ۽ سندن پيرن جا نشان لکون ٿا ۽ هر شيءِ کي

وقف غفران

فِيْٓ اِمَامٍ مُّبِيْنٍ ﴿١٢﴾ ع وَاضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلًا اَصْحٰبَ الْقَرْيَةِ م

ڪتاب ۾ لوح محفوظ ۾. ۽ بيان ڪر انهن کي واقعو ان ڳوٺ وارن جو.

ظاهري ڪتاب (لوح محفوظ) ۾ ڳڻيو اٿون. ۽ انهن سان ڳوٺ وارن جو قصو بيان ڪر

وقف لازم

اِذْ جَآءَهَا الْمُرْسَلُوْنَ ﴿١٣﴾ ج اِذْ اَرْسَلْنَآ اِلَيْهِمُ اثْنَيْنِ

جڏهن آيا اتي رسول. جڏهن موڪلياسون انهن ڏانهن ٻہ ڄڻا

جڏهن وٽن پيغمبر آيا. جڏهن جو انهن ڏانهن ٻہ پيغمبرن کي موڪليوسون، پوءِ ٻنهي کي ڪوڙو ڀانيائون،

فَكَذَّبُوْهُمَا فَعَزَّزْنَا بِثَالِثٍ فَقَالُوْٓا اِنَّآ اِلَيْكُمْ

پوءِ ڪوڙو ڄاتائون انهنکي پوءِ پليرائي ڪئي سون ٽئين سان پوءِ چيائون اسان توهان ڏانهن

تنهن ڪري ٽئين سان غلبو ڏنوسون، پوءِ (ٽئي) چيائون تہ، بيشڪ اسين اوهان ڏانهن

مُّرْسَلُوْنَ ﴿١٤﴾ قَالُوْا مَآ اَنْتُمْ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا ۙ وَ مَآ
موڪليل آهيون. انهن چيو توهان تہ رڳو ماڻهو آهيو اسان جهڙا ۽ ڪونہ
موڪليل آهيون. چيائون تہ اوهين رڳو اسان جهڙا ماڻهو آهيو ۽ ٻاجهاري

اَنْزَلَ الرَّحْمٰنُ مِنْ شَيْءٍ ۙ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا تَكْذِبُوْنَ ﴿١٥﴾ قَالُوْا
موڪليو آهي (الله) ٻاجهاري ڪجھہ بہ رڳو توهان ڪوڙ ٿا ڳالهايو. چيائون
(الله) ڪا شيء نہ لاٿي آهي، اوهين رڳو ڪوڙا آهيو. چيائون تہ اسان جو پالڻهار

رَبُّنَا يَعْلَمُ اِنَّآ اِلَيْكُمْ لَمُرْسَلُوْنَ ﴿١٦﴾ وَمَا عَلَيْنَآ اِلَّا الْبَلٰغُ
رب اسان جو ڄاڻي ٿو تہ اسان اوهان ڏانهن موڪليل آهيون. ۽ رڳو اسان تي آهي پهچائڻ
ڄاڻندو آهي تہ بيشڪ اسان اوهان ڏانهن موڪليل آهيون. ۽ اسان تي پڌري پيغام پهچائڻ کان سواء

الْمُبِيْنُ ﴿١٧﴾ قَالُوْٓا اِنَّا تَطَيَّرْنَا بِكُمْ ۚ لَئِنْ لَّمْ تَنْتَهُوْا
پڌرو. انهن چيو اسان نياڳ ڄاتو آهي توهان جو. جيڪڏهن نہ مڙندؤ تہ ضرور
(ٻيو ڪجھ لازم) نہ آهي. چيائون تہ، بيشڪ اسان اوهان جي (اچڻ) سبب بدبختي سمجهي آهي، جيڪڏهن اوهين نہ جهلبو

لَنَرْجُمَنَّكُمْ وَ لَيَمَسَّنَّكُمْ مِّنَّا عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١٨﴾
پٿر هڻي ماريندا سون توهان کي ۽ ضرور پهچندو توهانکي اسان کان عذاب دردناڪ.
تہ اوهان کي پٿرن سان ماريندا سون ۽ ضرور اسان کان اوهان کي ڏکوئيندڙ عذاب پهچندو.

قَالُوْا طٰٓئِرُكُمْ مَّعَكُمْ ؕ اَئِنْ ذُكِّرْتُمْ ؕ بَلْ اَنْتُمْ
چيائون نياڳ توهان جو توهان سان آهي، ڇا ان ڪري جو سمجهايو ويو توهانکي. بلڪ اوهان
(پيغمبرن) چيو تہ، اوهان جي بدبختي اوهان سان آهي، جيڪڏهن اوهان کي نصيحت ڏبي آهي تہ (انهيء ڪري) ڇا؟ بلڪ اوهين

قَوْمٌ مُّسْرِفُوْنَ ﴿١٩﴾ وَ جَآءَ مِنْ اَقْصَا الْمَدِيْنَةِ
ماڻهو آهيو ليڪو لنگهندڙ. ۽ آيو پاهران شهر جي
حد کان لنگهيل قوم آهيو. ۽ شهر جي پرين پاسي کان هڪ مڙس ڊوڙندو

رَجُلٌ يَّسْعٰى قَالَ يٰقَوْمِ اتَّبِعُوا الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٢٠﴾ لا
هڪ ماڻهو ڊوڙندو چيائين اي منهنجي قوم تابعداري ڪريو رسولن جي.
آيو چيائين تہ، اي منهنجي قوم! پيغمبرن جي تابعداري ڪريو.

اتَّبِعُوْا مَنْ لَّا يَسْئَلُكُمْ اَجْرًا وَّ هُمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿٢١﴾
تابعداري ڪريو اهڙن جي جيڪي نہ ٿا گهرن توهان کان اجورو ۽ اهي هدايت وارا آهن.
(اوهين) انهن جي تابعداري ڪريو جيڪي اوهان کان ڪو اجورو نہ گهرندا آهن ۽ اهي سڌيء واٽ وارا آهن.

